Bh0 19 382

جي هنج

چترڪار: ڊي. جي. پرچواڻي

ڏياريءَ جي شڀ ڏڻ جون لک لک واڌايون!
وارن کي نرم ۽ ملائم رکڻ لاءِ هميشه واپرايو
ڪماني برانڊ نج کوپري جو تيل
جيڪو هر ڪنهن وڏي ۽ مشهور دڪان تان ملي سگهي ٿو

نرماتا:- ڪماني آئل انڊسٽريز
پروپرائيٽر:- چاولا برادرس پرائيويٽ لميٽيڊ
٣٢٣، نرسي ناٿا اسٽريٽ، بمبئي-٠٠٩ ٤٠٠
فون: 320241-42-43 ٽيليڪس: KMNI 3430
گرام: ڪوڪو پيور

جنم دن مبارڪ!

نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو نومبر مهيني جي ۲۰ تاريخ سنڌي جاتيءَ جي بهومکي ڪلاڪار **پدم شري پروفيسر رام پنجواڻي** جو "۷۰ جنم دن" نهايت ڌام ڌوم سان ملهايو ويو وڃي. نه صرف جنم دن ملهايو ويو وڃي بلڪ اُن شڀ ڏينهن ڏڻيءَ جي سنڌي سماج وارن دادا پنجواڻيءَ کي ويهن ۾ تورڻ جو نشچو ڪيو ويو آهي ۽ اُن سان گڏ ئي سندس شان ۾ هڪ شاندار "ابنندن گرانٿ" پڻ شايع ڪيو ٿو وڃي جنهن ۾ سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ ۾، دادا پنجواڻيءَ جي جيون، ڪاريه ۽ ساهتيه جا الڳ الڳ روپ پيش ڪيا ويا آهن. اهڙي نموني اسين سنڌي صحيح معنيٰ ۾، شايد پهريون دفعو ڪنهن ڪلاڪار- وڪتيءَ جو اهڙي وڏي پيماني تي سنمان ڪري رهيا آهيون. ان لاءِ سڀ ۽ ڏڻيءَ وارن جس لهڻو.

اسين ڪولاج وارن پنهنجي مواي پروفيسر رام پنجواڻيءَ کي ۷۰ جنم دن جون واڌايون ڏيندي ڌڻيءَ در پرارٿنا ٿا ڪريون ته، دادا جي آورجا ۱۰۰ سالن جي ته ضرور ڪري جيئن هو هن صديءَ جو مهان ۽ وڏي آيو وارو وڪتي ڪري مڃيو وڃي!

سمپادڪ منڊل ڪولاج

B-7 (ن 166) 382 112

ڪونج پبليڪيشن ۽ ديپ شڪا پبليڪيشن
جو گڏيل شاندار ڪتابي پروگرام

000047

جلد شايع ٿيندا :

• **پاڇولا** (ڪويتائون) : سنڌيءَ جي لهايت سنجيده شاعر **ايشور آنچل** جي ڪويتائن جو ٽيون مجموعو.

• **ذرڙي** (ڪهاڻيون) : **هري موٽواڻيءَ** جو ڪهاڻي نويس جي روپ ۾ پهريون قدم. سنڌ ۽ هند جي الڳ الڳ ماحول تي لکيل ڪهاڻيون.

• **انڌيون گهٽيون** (ناول) : روشنيءَ کان دور. اونداهه جي جدا جدا تهن ۾ سفر ڪرائيندڙ هڪ ٽڪرا ٽڪرا ٿيل ڪهاڻيءَ کي وري جوڙڻ جي هڪ ڪوشش. **شيام جئسنگهاڻيءَ** جو نئون ناول.

महाराष्ट्र शासन
सुखमय दिवाली और
मंगलमय नववर्ष के लिए
आपको अपनी शुभकामनाएं
पेश करता है. साथही
इस ध्येय की पूर्ति के लिए
कठोर परिश्रम का वचन देता है.

महाराष्ट्र शासन

गरीबों का हितचिंतक शासन

डीजीआयपीआर

Gram : "FOUNDERS"
Matunga,
Bombay-400 019.

Works Phone : 581275-76
Office Phone : 475562-63-64

BASANT RUBBER FACTORY PRIVATE LIMITED

"BASANT COURT"
SION, BOMBAY-22 DD.

MANUFACTURERS OF :

- "BASANT" Black & Coloured Rubber Pipes & Tubings.
- "BASANT" Gas Transmission Synthetic Rubber Pipes.
- "BASANT" Solid Rubber Tyres for All Vehicles.
- "SILENT BLOCKS" & Rubber to Metal Bonded Parts for Railway Carriages. EMU Coaches, Diesel & Electric Locomotives.
- "O" Rings/Gaskets of all sizes from Special purpose Synthetic Rubber.
- ALL OTHER Extruded and Moulded Items from Synthetic and Natural Rubbers.

Tested to the rigid "BASANT" Standards and backed by a solid guarantee.

Works :

103-B, L. B. Shastri Marg, Vikhroli, Bombay-400 083.

بمبئي ۾ اچڻ تي اوهانجي آجيان ٿي ڪري
۽ رهڻ لاءِ آڇي ٿي

* فرحتي ۽ آرام بخش ڪمرا
* دل خوش ڪندڙ سروس
* اوهانجي پسنديءَ جا طرحين طرحين جا طعام
* شادين، پارٽين ۽ سماجي اُتسون لاءِ شاهي ايئرڪنڊيشنڊ هال
* ٽيريس گارڊن.
* وڏي ڳالهه ته وچ شهر ۾ جتان ڪٿهن به پاسي روانو ٿي سگهجي ٿو.

WEST END HOTEL

ويسٽ اينڊ هوٽيل

۴۵، نيو مرين لائينس،
بامبي - ۴۰۰ ۰۲۰

فون : 299121 (9 Lines)
تار جو پتو : BESTHOTEL
ٽيليڪس : 011 – 2892

Diwali Greetings
from :

GAJANAND *Textiles*
BOMBAY

MANUFACTURERS OF **JINITEX**

SPUN X SPUN, FILEMED FANCY YARN
SHIRTING & TEXTURISED SHIRTING

GAJANAND TEXTILES

Wholesale Fancy Cloth Merchants

Specialists in
SHIRTING-CHECKSS, TRIPES & PRINTED

Pankaj Cloth Market, Shop 11, Ram Galli-
Champa Galli Cross Lane, Nr, M. J. Market,
BOMBAY-400 002.
Tel ; 29 00 52

Swapna-Saphalya

TARABAUG AIKYAWARDHAK CO-OPERATIVE HOUSING SOCIETY LTD. (Regd.)

105E/, Tarabaugh Sheth Motishah Road,
Adg. To Mazgaon Telephone Exchange,
Mazgaon, BOMBAY-400 010.

16 Storied Building
1/2/3 Room Kitchen Self Contained Flats
Superior Construction
Modern Amenities
Work in Full Swing
Booking Fast Filling Up, Only Few Flat Left
Possession June 1982
Only Seven Minutes Walking Distence From Byculla Station
Near to Jain Mandir, Schools, Fruit and Vegetable Markets

PROJECT MANAGERS:

PREMIER REAL ESTATE SERVICE

Site Telephone No. 869487–867748
Contact at Site : 10–00 a.m. to 6–00 p.m.
Also on SUNDAY 10–00 a.m. to 1–00 p.m.

سمپادڪي ويچار

آئي ڏياري

هر سال ڏياري اچي ٿي، هن سال به آئي آهي. ڀلي ڪري آئي! ڇو جو ڏياريءَ تي ماڻهو خوشيءَ جو اظهار ڪندا آهن ۽ امير ۽ غريب پنهنجا پنهنجا غم ۽ رنج وساري، ڪجهه وقت لاءِ خوشي ۽ آنند ماڻي وٺندا آهن - چراغ روشن ڪرڻ، آتشبازي ٻارڻ ۽ مٺايون کائڻ ۽ کارائڻ انهن ڳالهه جي علامت آهن. نه صرف ايترو بلڪ اُن ڏينهن تي ماڻهو پنهنجن گهرن، دڪانن، فئڪٽرين، پيڍين ۽ ٻين سان گڏ ٻاڻ کي سينگاري جڻ ته نوان سدوان ٺهي پوندا آهن.

سچ ته اهو آهي ته اَڄ اَسان کي هر ڏينهن ڏياريءَ جي گهرج آهي جيئن، انسان جي جيون ۾ جيڪا گهور اوندهه، نراسائي ۽ ذهن تي ڏڏڙ جا تهه چڙهيل آهن يا اَڄ جي حالتن انسان جي چهري تان جيئن خوشي کسي ورتي آهي، سا واپس آڻي، سندس جيون ڏياريءَ جي ڏينهن جيان روشن بڻائي سگهجي.

در اَصل راوڻ ٻاهر ناهي، اهو اَسان جي من اَندر ئي ويٺل آهي جنهن کي ئي اَسان کي مارڻو آهي ۽ مڪتي حاصل ڪرڻي

سال ايڪويهون: پرچو نائون - ڏهون - سيپٽمبر - آڪٽوبر ١٩٨١
ساليانو چندو: ڏهه روپيه — لائيف ميمبرشپ سوا سؤ روپيه،
سرنامو: ۴، گريٽ ويسٽرن بلڊنگ، شهيد ڀڳت سنگهه روڊ،
بمبئي - ۴۰۰۰۲۳ — فون: ۲۶۲۲۱۲

چيف پيٽرنس: پدم شري پروفيسر رام پنجواڻي،
شري ناري گوسهاڻي، شري رام دادلاڻي،
شري سياچند چاولا، شري سي. ايل. ميرچنداڻي.

With Best Compliments From:

PIURUMAL GIYAMAL

KIRANA, DRY FRUITS &
GENERAL MERCHANTS

Office:
Pahlajraj Khimandas
Commission Agent
Gaya Bldg., BOMBAY-3.
Gram: CHARMAGAZ

Shop:
Near Masjid Rly. Station,
BOMBAY-9.
Phone: (Office: 324280
(Shop: 867356

Phone: 545810

TEK

DRY CLEANERS

CARPETS FURNITURE DRY CLEANING
WITH GENUINE CHEMICALS

Mohan Mahal, 62, Linking Road,
KHAR, BOMBAY-52.

With Best Compliments From:

R.G.S. ENGLISH SCHOOL
UNR-4.

KANTI PAPER MART

Paper & Board Merchants
193, Dadi Seth Agyari Lane,
Bombay-400002.
Phone C/o. 256483

كويتا — نئين كويتا — اڪويتا — وغيره
شيام جئسنگهاڻي — لسواڻ شاهه — نعيم دريشاڻي —
گووردڻ شرما گهايل وغيره

زنده آباد ....

● شيام جئسنگهاڻي

سُڃين گهٽين ۾ جڏهن ڪنهن ڇيڪون ڪيون
مان ته ڪنَ ڏيڪي لڪي ٻين سان گڏ هئس
سيڪي رهيو هوس

اُلدو ڪنهن ڏڳڏگي وڃائي ڇيو:
نڀي نڀي ٻاندر کي ٻيهوش ٿيڻ ڏيو
معلوم هوم اُندر سڀ ٻزدل ٻوڙا آهن
ڪميڻا ٻهنجي ٻهنجي خوش - فهميءَ ۾ ٻند آهن
ٻند دروازن اُلدر 'زلده آباد ... زلده آباد' جا
سامـوهڪ سُر

دراصل مُردن جي جڻ جڻڪار هئي
محض اوباسيون ڏيڻ ۽ آگريون موڙڻ جهڙي نه
معنيٰ خيز حرڪت هئي
ٻند دريءَ مان ته اُلدر ٻهچندڙ طوفاني هوا جي
'سان سان' ڪان ٻچڻ لاءِ

منهنجا ڪن ڏڪيل ضرور هئا
ٻوءِ ته ڪنن ۾ لڳاتار واڄٽ وڄي رهيا هئا:
'ٻزدل گهٽيءَ موت مرندا آهن'
انهن نه خوش - فهميءَ جو هڪ هر - وڃوت دليل
مان ته جوڙي سگهيس ٿي . . :

آهي. ۽ جڏهن اَسانکي اُن راوڻ کان مڪتي حاصل ٿيندي تڏهن ئي اسان جو جيون هـــر ڏينهن ڏياريءَ جيان هوندو — خوشبوءِ ۽ روشني!

ساٿي سمپادڪ کي واڌايون!

خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو اسانجو ساٿي سمپادڪ ڊاڪٽر اَرجن شاد ٻامبي يونيورسٽيءَ جي سنڌي بورڊ جو چيئرمن چونڊيو ويو آهي. هو گذريل ستن سالن کان بورڊ جو ميمبر ٿي رهيو آهي. چيئرمين جي حيثيت ۾ هو اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽ فئڪلٽي آف آرٽس جو ميمبر پڻ ٿي رهندو.

ڊاڪٽر اَرجن شاد ٻامبي يونيورسٽيءَ جي سنڌي وڀاڳ جو پرمک ۽ ريڊر آهي جنهن جي رهنمائيءَ هيٺ وديارٿي ايم. اي. ۽ پي. ايڇ. ڊي ڪندا آهن.

اَسانکي پورو يقين آهي ته اسانجو ساٿي ڊاڪٽر اَرجن شاد پنهنجي اَڀياسڪاريءَ ۾، پنهنجي وسيع ڄاڻ ۽ اَدبي سرمائي مان گهڻن ئي شاگردن کي فيض رسائيندو.

هري موٽواڻي

سمپادڪ منڊل:
ڊاڪٽر ارجن شاد • ڊاڪٽر ناراڻ ڀارتي • هري موٽواڻي

هڪ پل جي مڪتي

● نسرين شاهه

اَندر منجهه زهر
اَموس ڏارا ھڻجي
مُنهنجي رڳ رڳ
ڪٽيندو لو وڃي.
جڳن کان ساندهيل خواهشون
پل اَپل ۾
ٽٽي ڀور ڀور ٿي
لس لس منجهه ٽٻجي وڃون اَٿم.
هڪ پل جي مڪتيءَ ڪاڻ
سؤ پلن جي پل صراط
اورانگهي
چپن لي هٿ رکي
اَندر جي رهه اَلدر ئي
گُهٽي ڇڏي اَٿم.
من ٻاوري کي
ڪنهن قبرستان جي اوندهين ۾
دفن ڪري
ذهن جي چڪندڙ ٽڪن کي
يادن جي ٽڪر سان ڏوٿي
وڏيون وڏيون ائيڪوئل ڳالهيون
ڪرڻ لڳي آهيان
جو
سالن پڄاڻا
ور منجهه رُلي آهيان.

ڪراچي

'بزدل ڪيئي زندگيون جيئندا آهن'
تحقيقات لاءِ چوطرف ثبوت ئي ثبوت هئا
(گڏوگڏ مرده-گهر جي دوزخي باس هئي
ظاهر هو ته سڀ انهيءَ باس تي هريل هئا)
'زنده آباد' بعد 'چيئرس' وڄائي
جڏهن سڀ خماريءَ جي رسائل ۾ لهڻ لڳا
وڏي واڪي هڪ خوش خبريءَ جو اعلان ٿيو:
شانتي ڀنگ ڪرڻ وارو باندر
جيئرو جاڳندو ۽ باهوش پڪڙيو ويو آهي...
باندرءَ جو مقدر لئبارٽري بڻجي يا ڪوس گهر
اهو پوءِ جو معاملو هو
چوطرف هڪ ڪن ڦاڙيندڙ شور و غل جو
آغاز ٿي چڪو هو
زنده آباد ... زنده آباد
زنده آباد ... زنده آباد
هرڪو بلند آواز ۾ دهرائي رهيو هو
ان هجوم ۾ ته سندس سامهون وارو سندس
ئي نالو پڪاري رهيو هو.

دل هڪ ديوار

● نعيم دريشاڻي

دل هڪ ديوار
اِها اڪيلي بيٺي آهي
چوڌاري سُنج
وڏو ٻولاڙ
دل هڪ ديوار
اُڪيون لوهه جا وڻ
ڪن ڏکن ڪنهن سڏڪن
هڪڙي ٻوند ڪاڻ
ورهيه ليا
آئي ڪا برسات
وڃي پنهنجي ذات
کهکه اُلڏري رات
اُڪيون لوهه جا وڻ
روح ٻڪاريءَ جو ٻڌن
نڪو وچ ٻڙار
پيڙا ٿو ڻ پڪار
دل هڪ ديوار.

سانوري شام جو ڏنڏاڪو
[ڳلن لي وهندڙ لڙڪ
چنبيليءَ جي مهڪ
ٻادلين جا ڪاڪ محل
ساروڻيون ۽ هٿ ويڪائون]
درد جو درياهه اڪري
ٻن ٻن پٽڪي
سنڌي مڪ ٿي
موهن من
سگريٽ جيان ٿو ڌڪ لڳي !

مختصر رپورٽ:

"ڪونج" طرفان ملهايل

"شاعرن جي ياد ۾ هڪ شام"

هيءَ يادگار شام هئي جنهن ۾ پهريون دفعو سنڌيءَ جي نامور گيتڪارن ۽ شاعرن پاڻ ورتو ۽ سچ پچ اُن شام کي هڪ يادگار شام بڻائي ڇڏيو.

دادا هوتچند آڏواڻيءَ جي آشيرواد ۽ شاعرن جي تصويرن تي گل مالها چاڙهڻ بعد، پروفيسر رام پنجواڻي جي ڏيئا ٻارڻ جي شُڀ رسم سان پروگرام شروع ٿيو ۽ سڀ کان پهرين شريمتي موهني ميرچندانيءَ سوز ڀري آواز ۾ پرسرام ضيا جو ڪلام — وڃڻ وارن کي وڃڻو هئو ... پيش ڪيو. تنهن بعد ڪماري گلشن ۽ آنند منانيءَ ضيا ۽ سگهڻ آهوجا جا گيت ۽ قطع پيش ڪيا. اُن بعد وارو وارو پدم شري پروفيسر رام پنجواڻي ۽ پارو چاولا جن خاص تيار ڪيل "پيوس گيت مالها" ۾ ڪوي "پيوس" جو ڪلام ڳائي ٻڌايو. شريمتي راڻي گدواڻيءَ پنهنجي سوز ڀري سُريلي آواز ۾ سگهڻ آهوجا جو هڪ غزل ٻڌائي سانت جو عالم طاري ڪري ڇڏيو جنهن کي اڃا به گهرو ڪيو غزل سمراٽ مهيش چندر جنهن عزيز، ضيا ۽ سگهڻ جا غزل خاص انداز ۾ ٻڌايا.

جينو عالمچنداڻي سنڌي گونيو پهريون پيرو سنڌي جنتا جي سنمک ڳائي رهيو هئو ۽ هن ٻه ٻه ڪلام پيش ڪيا. آخري ڳائڻ وارو هو شري پرمانند ڪتري جيڪو پنهنجي تالي سان ڳائيندو آهي ۽ هن صاحب پڻ خاص تيار ڪيل راڳ ٻڌايو.

هن شام جو خاص اُسر هئو مشاعرو، جنهن ۾ هونئن ته سدا حيات شاعرن جي ڪلام سان گڏ حاضر شاعرن کي پنهنجو تيار ڪيل شعر پڻ پڙهڻو هئو ليڪن وقت جي تنگيءَ سبب ڪين

تلاش

• گووردڌن شرما "گهايل" •

ڏاهپ ۽ ڏنگائيءَ جو فيصلو
ڏاهو ۽ ڏنگو پاڻ نه ڪري سگهندا
ڪين ڪرڻ ته نه گهرجي
جو
انهن ڪرڻ سان
پاسخاطري ٿيڻ جو امڪان سؤ سيڪڙو رهندو.
ڏاهي کي ڏنگو
۽
ڏنگي کي ڏاهو
ظاهر ڪرڻ وارا فيصلو ڏين نه ٿا
ڇو
سندن ڏاهپ تي
ڏنگائي سوار هوندي آهي
انڪري
اچو ته تلاشيون
اُن ڏنگي کي
جو ڏاهي کي ڏاهو چوڻ کان نه هٻڪي
اُن ڏاهي کي
جو ڏنگي کي ڏنگو تسليم ڪري
شايد ان ڪم ۾
ڪجهه صديون ٻيون به لڳي وڃن.

مٿئين فوٽي ۾ پروفيسر رام پنجواڻي، شريمتي ڀارو چاولا، ڪماري گلشن، خوشي مٺاڻي ۽ ٻيا ڪلاڪار ”پوس گيت مالها“ جو پروگرام پيش ڪري رهيا آهن. هيٺين فوٽي ۾ درشڪ: ديوداس مولچنداڻي، سياچند چاولا، چندولعل جسنگهاڻي، شريمتي سرلا جسنگهاڻي ۽ پروفيسر رام پنجواڻي ۽ ديوان هوتچند آڏواڻي نظر اچي رهيا آهن.

صرف پنهنجو پنهنجو شعر پڙهيو هو. مشاعرو پروفيسر رام پنجواڻي جي صدارت هيٺ پيش ٿيو جنهن ۾ ڀاڳ وٺندڙ شاعر هئا: پروفيسر رام پنجواڻي، ڊاڪٽر اَرجن شاد، سرو شري ايم. ڪمل، ڪرشن راهي، واسديو نرمل، سندري اُتمچنداڻي، هارو چاولا ۽ نيڪچند مست.

اِن موقعي تي سدا حيات شاعرن بيوس، عزيز، ضيا ۽ سڳن سان گڏ سنڌ جي ٻن مرحوم سنڌي شاعرن گداڻي ۽ جتوئيءَ کي پڻ شردانجلي ڏني وئي ۽ انهن ڇهن ئي شاعرن جي زندگيءَ ۽ شاعريءَ تي، مختصر ۾، شري اُتم روشني وڌي ۽ اهڙيءَ طرح "شاعرن جي ياد ۾ ملهايل هيءَ شام" رات جو ساڍي ڏهين بجي سماپت ٿي.

شاعرن جي ياد ۾، شاعرن جي سرتاج شاهه لطيف کي پڻ ياد ڪيو ويو. پروفيسر رام پنجواڻي شاهه جو ڪلام پڙهندي رهيو آهي.

اَبـو

(زمان حال ۾ لکيل آکاڻي)

● هري موٽواڻي

سنڌ پرڳڻي ۾ هڪ شهر آهي- لاڙڪاڻو. اهو لاڙڪاڻو "هجئي ناڻو ته گهم لاڙڪاڻو" چوڻيءَ بدولت هنڌين ماڳين مشهور آهي.

ان لاڙڪاڻي جتي ڪيئي سياستدان پيدا ڪيا آهن اُتي اديب ۽ شاعر به گهٽ ڪونه ڄاوا آهن- سرڳواسي ڪوي ڪشنچند بيوس، قومي شاعر هوندراج دکايل، سنڌين جي هلندڙ چلندڙ يونيورسٽي پروفيسر رام پنجواڻي، باغي شاعر اَرجن شاد، پرڀو وفا، ڪرشن راهي، لعل پشپ، ٻيا ڪيئي ۽ اُن سان گڏ هن ڪهاڻيءَ جو ليکڪ پڻ.

اُن ئي لاڙڪاڻي ۾ هڪ پاڙو آهي- نوان لڪ جنهن لڪ جي ئي هيءَ آکاڻي آهي.

ريلوي اسٽيشن جي ڪاٻي طرف واري ڦاٽڪ کان ٻاهر واري سڙڪ ڪراس ڪجي ته اُتان هڪ گهٽي شروع ٿئي ٿي، جا نئين نوان لڪ جي مکيه گهٽي آهي. گهٽي ڪافي لمبي- ڇٽن چوڪن واري آهي. گهٽيءَ ۾ گهڻي پاڳي رهڻ جون جايون ۽ ڪجهه دڪان آهن گهٽيءَ جي منهن ۾ ڏاني ٻاسي کان نڪاڻو ۽ گهٽيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ڦاٽو آهي! جڻ ته هڪ ڇوڙ کان اڀرو ۽ ٻئي ڇوڙ کان قانون گهٽيءَ جي رکوالي ڪندا رهندا آهن. گهٽيءَ ۾ گهڙبو ته پهرين پولڪ لي، ساڄي هٿ واري ڪنڊ وٽ، جيڪو پهريون دڪان پوندو، اهو ٺلهيءَ ڪٽانڻ واري جو هو جيڪو ٻارن لاءِ ٽول ۽ لغڙ- لغڙيون پڻ رکندو هو. ٿورو اڳتي هلي گهٽيءَ جو پهو چونڪ هو جيڪو ئي جڻ ته گهٽيءَ جو اڪ هو. ٦-٨ دڪان هئا جن مان ساڄي هٿ وارو پهريون دڪان هزاري- هزاري ٻانڻ جو هو جيڪي

(١) شاعرائي محفل

(٢) درشڪ ۽ مهمان

(٣) پروگرام بابت خيالن جي ڏي وٺ.

ننڍو شوالو ۽ انهي سامهون هڪ کليل ميدان هو جتي اڪثر رات جو ٻاڙي جا نوجوان ونجهه وٽيءَ يا ڪوڏي ڪوڏيءَ راند ڪندا هئا.

مکي نارائڻداس انڪل ساٺيڪو ورهين جو هو. بدن جو مضبوط، وڏيون وڏيون اکيون ۽ رعبدار مڇون سندس شخصيت ۽ حشمت کي اڃا به اُڀاري ڏيکاريندڙيون هيون. سندس ڏبدٻي جو اهو عالم هو جو ٻاڙي ۾ ڪنهنکي مجال نه ٿيندي هئي جو وڏي واڪ ڳالهائي سگهي. سندس اوطاق اڳيان ڪنهن ذال ذات کي مٿو اُگهاڙو ڪري لنگهڻ جي جرئت نه ٿيندي هئي. ٻه ڄڻا ڪنهن ڳالهه تي اٽڪندا هئا ته ٻنهي کي پاڻ وٽ گهرائي ڪن مهٽ ڪندو هو. مطلب ته صحيح معنيٰ ۾ ٻاڙي جو اَبو هو.

مکي نارائڻداس جو اصل ڌنڌو جيلس بزار ۾ اناج جو هو ليڪن اهو ڌنڌو پٽن کي سونپي، هو پاڻ لاڙڪاڻي جي جيل ۽ سرڪاري اسپتال کي کير-ڏڌ ۽ اَن سپلاءِ ڪندو هو. ماڻهو شوخ ٿو سچيار هو انهن ڪري نه صرف کير-ڏڌ وارا مال ۾ کوٽ يا ڪا ملاوٽ ڪرڻ کان ڏڪندا هئا بلڪ ڪامورا ڪڙا به همٿ ڏيکارڻ کان پاسو ڪندا هئا. هو مال چوکو ڏيندو هو ته دام به چوکو وٺندو هو. جيئن ته سرڪار وٽان رقمون ملنديون هيون، مال وارن کي گهرائي حساب چڪتو ڪري ڏيندو هو. اهڙيءَ طرح هو مهيني سر مهيني ڪافي بچت ڪري وٺندو هو.

ٻئي طرف، نون لڪن جي رهائشي گهرن جي بلڪل سامهون، هڪ سرڪاري بنگلو هو، جتي ڪڏهن ڪڏهن مختيارڪار اچي پنهنجا ڪيمپ ڪوڙيندو هو. جيترا ڏينهن هو اُتي ڪچهري ڪندو هو، سپاهين ۽ صوبيدارن، وڪيلن ۽ وڏيرن، چورن ۽ خونين جي اچ وڃ هوندي هئي. سڄو ڏينهن گوڙ شور، گاريون گند ۽ هُل-ٻوڪ لڳو پيو هوندو هو.

آن، سيٺ ۽ ڪپڙن جو ڌنڌو ڪندا هئا. انهن جي پاسي ۾
جهڙي مل بڪاليءَ جو دڪان هو، جيڪو پاڙو هي هزاري-بزاريءَ
وارن سان ڦٽايو ويو هوندو هو. آن جي سامهون، ٻيءَ ڪنڊ تي،
ٻيمن داس حلوائيءَ جو دڪان، انهي پاسي ڊپارام ٽيلر ماسٽر،
ڪشنچند جي چانهه جي هوٽل، جتي سڄو ڏينهن فلمي راڳ پيا
وڄندا هئا ۽ انهي لڳو لڳ شيرو حجم جي سئلون. صبح جو
ڪرمون دال وارو چونڪ تي اچي ويهندو هو جتان پار دال-پن
وٺي ايندا هئا. شام جو ساڳيو ڪرمون چولا-ڀڳل ۽ ٽڪيون-ڀاڄي
کڻي ايندو هو. اهڙيءَ طرح چونڪ تي مڙيوئي سڄو ڏينهن رونق
لڳي پئي هوندي هئي.

گهٽيءَ جي ٻي چونڪ تي، مهڙ واري ٻهراڻ جاءِ، هن آڪاٽيءَ
جي مالڪ - مکي ٺاڪرداس جي هئي. هيٺ اوطاق ۽ مٿان ٻن
ماڙين واري رهڻ جي جاءِ. مکي صاحب جي اها اوطاق صرف
ٻپهرن وقت بند رهندي هئي، جڏهن مکي صاحب آرام ڪندو
هو نه ته سڄو ڏينهن کليل هوندي هئي ۽ ماڻهن جي اچ - وڃ ۽
رام رام هوندي ٿي هئي. شيوا ٽهل لاءِ اوطاق تي هڪ ڇوڪرو
رکيل هو جيڪو آني وني کي پاڻي به پيئاريندو هو ته چلم جو ڊڦ
به ڏوني ڏيندو هو. ٻپهرن جو جهلي به هو ئي لوڏيندو هو.

گهٽيءَ جي ٽئين چونڪ تي ٻ - ٽي ننڍا ننڍا دڪان هئا جي
سيٺ سڙو ۽ پارن جي ڌانڌو جون شيون رکندا هئا. ٿورو اڳتي هلي،
ساڄي طرف هڪ وڏو شوالو هو جيڪو گهٽيءَ ۾ مشغولين جو مکيه
مرڪز هو. ان شوالي مان شوواريءَ تي ٻنهي پاڄن سان وڏي
سرگس نڪرندي هئي جا سڄي شهر ۾ گهماني ويندي هئي.
ڇوٿين چونڪ جي لڪ تي گهٽيءَ جو ڇيهه هو جنهن جي ڏاني
هٿ تي ڏاڪو هو جتان هڪ سنڌو رستو سينٽو بزار طرف ٿي ويو.

گهٽيءَ جي ساڄي طرف کان "دڙي" شروع ٿي ٿئي جنهن جي
پهرين گهٽيءَ ۾ پرائمري اسڪول هو. کابي طرف، گهرن جي پٺيان

کيس عرض ڪيو ته ان ڳالهه جو ڪو تدارڪ ڪيو وڃي ته وڏي مهرباني.

مختيارڪار ڪا مهل ته ڳڻ-ڳوت ۾ ٻڏي ويو. پوءِ ڪجهه سوچيندي، مکي نارائڻداس کي مخاطب ٿي چيائين، "مان ان ڳالهه جو ڪو تدارڪ ڪندس. في الحال هيءَ ڪچهري سياٽي پوري ٿيندي. ان بعد مان مٿي لکي موڪليندس ته آئينده ڪچهري ڪليڪٽريءَ ۾ رکي وڃي."

ان ڳالهه تي سڀني هٿين سرهائي ظاهر ڪئي ۽ مختيارڪار جا ٿورا مڃيا جنهن سندن عرض اگهايو هو.

مختيارڪار کين چانهه پاڻيءَ جي صلاح ڪئي ليڪن مکي نارائڻداس ڪانئس هڪ جوڙي موڪلايو ۽ ٻيئي ڄڻا سرها منهن کڻي موٽي آيا.

اوائلڪ ۾ مسلمانن جا ٽي گهر هئا. هڪ شيرو حجم جو جنهن جي گهر ٻاهران، در تي هميشه ڳوٺ جو ميڙ لڳل هوندو هو. ٻيو محمد واڍي جو جيڪو ٽئين چوڪ کان ٿورو ٻاهرو، پنهنجي عيال سان رهندو هو ۽ ڪافي ڄاڻو جوان هئو. هڪ ڀيري ڇا ٿيو جو هڪ گهوڙي ڇني ڀڄي ۽ وٺي ڀڳي. سڀئي گهٽيءَ ۾ دانهون ڪوڪون ٿيڻ لڳيون. گهوڙي ٿهائين وڌيڪ چٽائيءَ سان ڀڄڻ لڳو. ماڻهو وڃي دڪانن ۾ لڪا. گهرن جا در به بند ٿي ويا.

اوڏي مهل مکي نارائڻداس اوطاق جي در تي اچي رڙ ڪئي، "اَڙي آهي ڪو جوان مڙس جيڪو هن گهوڙيءَ کي وس ۾ آڻي."

محمد واڍو اڃا اوڏي مهل گهر کان ٻاهر نڪري رهيو هو. گهوڙي پري کان ڀڄندي پئي آئي. محمد اصل دير نه ڪئي. لنگيءَ جي لانگ ورائي، اصل گهوڙيءَ جي سامهون وڃي بيٺو. گهوڙي اڃا ٿورو هٻڪي مس ته هئي جو ان ته وجهندي ٿي لغام ۾ هٿ، گهوڙيءَ سان گڏ تيز ڊوڙندي ڊوڙندي، ڇلانگ ماري،

ڪُلهه

اهي سڀ ڏينهن، جيترا ڏينهن مختيارڪار جي ڪچهري چالو هوندي هئي، نوان نڪ جي دڪاندار جو ڏاڏو ته ٻاهر وڃي ويندو هو ليڪن ڏاڏن - ٻارن جو گهران نڪرڻ بند ٿي ويندو هو. ايتري قدر جو ڪيترن گهرن جون دريون ۽ در به اُن طرف کلڻ بند ٿي ويندا هئا.

هڪ ڀيرا ٻارڙي جا چار ڇڳا مڙس مکي صاحب وٽ لنگهي ويا ۽ وڃي کيس عرض ڪيائون ته سائين، هيءَ ته ٻارڙي لاءِ آزار ٿيو جو جيترا ڏينهن ڪچهري چالو هجي، ٻارن جو گهر کان ٻاهر نڪرڻ ئي بند ٿي وڃي!

مکي صاحب چلم مان ٽڪو ڪڍي، ڪجهه ٿورو سوچيندي چيو، "ٻابا، توهان برابر ٿا چئو. اهو ته آزار ٿيو. گهر - ٻار وڃو اهي ڪچهريون ڪو لهڻون ڇا! ڪو ته ٻيو ڪرڻو ئي پوندو." ۽ پوءِ ڪي ساعتون سوچڻ بعد آکيائين، "هلو ته هاڻي ئي هلي ٿا صاحب وٽ دانهين ٿيون."

اهڙيءَ طرح اهي چارئي پنچ ۽ پنجون مکي نارائڻداس گڏجي مختيارڪار وٽ لنگهي ويا.

مختيارڪار هندو ڪامورو مسٽر عالمچنداڻي هو، جيڪو اُن وقت آرام ڪرڻ سانگي اوطاق ۾ ليٽيو پيو هو.

پٽيوالي پهرين ته کين موٽي وڃڻ لاءِ چيو ليڪن جڏهن مکي نارائڻداس رعبدار آواز ۾ چيس ته تون وڃي صاحب کي ٻڌاءِ ته هن ٻارڙي جو مکي ۽ چار پنچ ساڻس گڏجڻ آيا آهن تڏهن هو اندر ويو ۽ ٿوري دير بعد ٻاهر اچي، پنجن ئي ڄڻن کي اندر وٺي ويو.

مختيارڪار مسٽر عالمچنداڻي نهايت نيڪ ۽ ديانتدار آفيسر هو. هن سڀني جي آجيان ڪئي ۽ کانئن اچڻ جو سبب دريافت ڪيو.

مکي نارائڻداس سندس سامهون واري ڪرسيءَ تي ويهندي، نهايت ڌيرج ۽ تحمل سان کيس ٻارڙي وارن جي دانهن ٻڌائي ۽

ڪڙلهه

ڪڏهن ڪڏهن ڪتن کان ٻانهن ولي ايندو هو جنهنڪري ڪجهه ڏينهن گهر ۾ رهائي، پوءِ واپس ڇڏي ايندو هو. ڪو ورجائيندو هوس ته چوندو هو ڪيس مائيءَ ٽڪيءَ جي تڪليف هئي جنهن لاءِ هن ڳوٺ مان مائي آندي هئي. سڀ ڪاليءَ جو هو ليڪن مڙس جگر وارو هو. هڪ لڳا رات جو "چور چور" جي رڙ ٻڌي ويٺي ته هيءُ همراهه ٽارچ ۽ لوڙهه کڻي ڪتان لهي آيو. خوب ڳولا ڪئي ليڪن چور نه لڌو. اهڙيءَ طرح ٻصر ٻاڙي وارن لاءِ وڏو آسرو هو.

اهو ساڳيو ٻصر هڪ ڏينهن نه ڄاڻ ڪٿان هڪ ڪاليا واڙي پيلٽي ولي آيو. ڇا ته چوري هئي. جوڻ ڪپڙا ڦاڙي ٻاهر ٻئي لڪتس. ٻاڙي ۾ اصل هل پئجي ويو. ڪنوارا ڇاهي شادي شده نوجوان ڏس ته ٻصر جي گهر پڳا بيٺا هئا. چوري ٻ- ڏس ت— بي حجاب ٿيو پئي اُهن سان ٽهه ٽهه ڪري کلي. ايتر اها حقيقت وڃي مکيءَ جي ڪنن تي پيئي. هونءَ ته شايد مکي هميشه جيان هن پيوري ۽ ٻصر جي معاملي ۾ ڪن لاٽارڪوي ڇڏي ها ليڪن جڏهن کيس سڌس پيئي ته سندس لنيو پت ٻڌ ٻصر جي گهر جا ڦيرا پائي رهيو هو ته هو ٽپي پاهه. تي ويو ۽ فورن ماڻهو موڪلي ٻصر کي ٻاڌ وٽ گهرائي ورتائين.

ٻصر سلوار ۽ خمص ۾ ڦڙ ڦڙ ڪندو مکي صاحب جي اوطاق تي پهتو ته ڀوران ته مکي صاحب کيس ڏسي ماٺ رهيو پر پوءِ چلم مان ٽڪڙا ٽڪڙا پڙڪا ڪيائندي، ٿورو ڪنگهي، چوڪري کي ٻاهر وڃڻ جو چئي، ٻصر کي ڪمت تي ويهڻ جو اشارو ڪري چوڻ لڳو، "اڙي ٻصر، هيءُ مان ٻڌندي ٻاري ۾ ڇا پڌي رهيو آهيان! آخر ٻاڙي جو ڪو لحاظ آئيئي يا نه؟"

۽ پوءِ مکي جواب لاءِ ٻصر طرف نهارڻ لڳو.

ٻصر سوچيو، هتي ڪوڙ ڳالهائڻ سان ڪم نه هلندو. تنهن ڪري چيائين، "مکي صاحب معاف ڪريو، ماڻهو آهيان، غلطي ٿي وئي!"

مٿس سوار ٿي ويو. گهوڙي وڃي ٿاڻي جي سامهون بيهي ٿي جتي ۽ پوليس وارا بندوقون سڌيون ڪيون اصل گهوڙيءَ کي نشانو بڻايو بيٺا هئا.

ٻاڙي ۾ هرڪو محمد جي جوان مڙسيءَ کي داد ڏيڻ لڳو. مکي صاحب اوطاق تي گهرائي، سڀني جي سامهون سندس پٺي ٺپي شاباس ڏني.

شيرو حجم وارن ڪٽائيءَ ۾ به آڻ وڌايا ته اصل مڇ مٿي ويو. ڪنهن هوٽل وارو چوي ته ٽوڪي اگهه وڌائڻ جو ڪو حق ڪونهي ۽ شيرو چوي ته مهانگائيءَ ڪري لاچار ڪيس اگهه وڌائڻو پيو آهي. جهڳڙو شايد وڌي وڃي ها ليڪن عين وقت تي مکي صاحب جو نوڪر اچي پهتو جنهن ٻنهي کي نياپو ڏنو ته مکي صاحب ڪين اوطاق تي ڪوٺايو آهي.

جڏهن ڪنهن ۽ شيرو مکي صاحب جي اوطاق تي پهتا ته اُتي ٻيا به ڪي ٻاڙي وارا ڪٺا ٿي ويا هئا. ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌي پوءِ ته مکيءَ ٻنهي کي چند ڪلهي جو اُن ٽوليءَ ڳالهه تي پاڻ ۾ اٽڪيا هئا. پوءِ هڪ ٻن ٻين ٻاڙيوارن سان ڪن-سن ۾ ڪجهه ڳالهائي، آخر چيو، "مهانگائي برابر وڌي آهي ليڪن آمدني اُن حساب سان اهڙي نه وڌي آهي. ان ڪري پنچن جو فيصلو آهي ته وارن جي ڪٽائيءَ ۾ هڪ آنو وڌايو وڃي."

۽ پوءِ ٻنهي جي ڪلهن تي هٿ جي هلڪي ٿڦڪي هڻي چيائين، "هاڻي وڃو، وري نه پاڻ ۾ کهرو ٿجو."

ٻاقي پٽ جو معاملو ڪجهه منجهيل هو. پنجيتاليهن ورهين جو پٽ جڙو ڇانڊ هو ۽ گهر ۾ اڪيلو رهندو هو. ٿوري گهڻي حڪمت جاڻندو هو، خاص ڪري طاقت جي گوريون ڏيڻ ڪري ٻاڙي جي نوجوانن ۾ سندس چڱو نالو هو. پاڻ به رنگين مزاج جو هو.

هو. ڪانگريس پارٽيءَ جون سڀ ڪوششون اسقل ويون. مسلم ليگ جي هٺ تي گهر - مسلمانن کي پنهنجو الڳ، ملڪ - پاڪستان گهرجي! مهاتما گانڌيءَ جو اعلان ته پاڪستان سندس لاش تي ٺهندو. اعلان ئي رهجي ويو ۽ ١٤ آگسٽ ١٩٤٧ع تي پاڪستان نالي هڪ الڳ، آزاد ملڪ جو وجود قائم ٿيو جنهن ۾ سنڌ جو سڄو صوبو به پاڪستان جي حوالي ڪيو ويو.

هندو - مسلم دو قوم جي سڌانت تي ونڊيل - ورهايل هن ملڪ جي هندو - مسلم جنتا جڏهن لڏپلاڻ ڪرڻ لڳي تڏهن پهرين ته سنڌ ۾ ان جو ايترو اثر ڪونه پيو ليڪن جڏهن هندستان جي مسلم جنتا مهاجر بڻجي سنڌ پهتي ۽ هندن تي ڏاڍ ڪرڻ لڳي تڏهن سنڌ مان به هندن ڀڄڻ شروع ڪيو.

لاڙڪاڻي جو نئون لڪ به ان اثر کان بچي نه سگهيو.

اُن رات پهريون دفعو مکي نارائڻداس جي گهر پاڙي جي هندن جي ميٽنگ ٿي رهي هئي.

مکي نارائڻداس چئي رهيو هو ته جيستائين هو جيئرو هو، پاڙي ۾ ڪنهن کي به نقصان پهچڻ نه ڏيندو. ليڪن پنچ چئي رهيا هئا ته اڄ جڏهن سڄو ملڪ لڏي رهيو هو اُهي هو هتي ڪيترو وقت سلامت رهي سگهندا.

جهڙيمل چيو، "ڀائين، مان ته نه رهندس. منهنجي ڪيترن ڏينهن کان ڏاڍي اک پيئي ڦڙڪي. اصل ننڊ ئي حرام ٿي وئي آهي!"

مکي نارائڻداس ناراضپو ظاهر ڪندي چيو، "جهڙامل، تون ئي جيڪڏهن پاڙي ڇڏيندين ته پوءِ ٻين کي ڪهڙو ڏوهه ڏبو."

ٻيمن داس ڪنڌ هيٺ ڪري، ٿڙڪي چيو، "مکي صاحب، مان ته پرڀهن وڃان ٿو."

"ڇا چئين، ٻيمن، وري نه چئه. تون ويندين؟ ڪيڏانهن

ڪونه

"ٻو آيا، غلطيون ڪرڻ لاءِ ٻيون جايون ڪٿيون؟"

مکي نارائڻداس آخر ته دنيا داريءَ وارو ماڻهو هئو. سو ٿورو سنجيده ٿيندي چيائين، "تون ٺيڪ ڏسين ٿو پوءِ ته ڇوڪرن جي ڪيئن نه مت ماري ٿي وڃي. آخر به ٻارڙي جو انگ نه وڌيو آهي نه."

پوءِ مکي صاحب جو اشارو سمجهي ويو. ٽهڪ ڏيئي چيائين، "مان سمجهي ويس سائين، آئينده مان خبرداري ڪندس."

۽ هو سلام ورائي واپس ويو.

هندستان جي هن اڪيلي ۾ اهڙو ڪو واءُ لڳو جو جتي اڳ ۾ ڪوٺ جون ڪچهريون ۽ رانديون جون محفلون لڳنديون هيون، اتي هينئر سياسي ڳالهيون ۽ هندو-مسلم ٻه قوم جون ڳالهيون ۽ بحث ٿيڻ لڳا. اهي هوائون سنڌ ۾ به لڳي ۽ آهستي آهستي لاڙڪاڻي ۾ پهچي، نوان تڪ ۾ به لڳڻ شروع ٿي ويئي.

ڪشن جي هوٽل ۽ شيرو حجم جي سئلون هينئر سياست جو جڻ ته اڏو ٺهي پيا هئا. سڀ ذهن پيا بحث ٿيندا هئا. شيرو حجم وٽ هينئر پنهنجي پاڙن جا مسلم جوان گهڻو اچڻ وڃڻ لڳا هئا. اهي نوجوان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺا هوندا هئا ۽ پيا هڪ ٻئي کي ملڪ جون سياسي خبرون چارون ٻڌائيندا هئا. اهي ڳالهيون هلنديون هلنديون هڪ ذهن ان ڳالهه تي اچي بيٺيون ته مسلمانن لاءِ الڳ ملڪ جي گهر ڪئي وئي آهي ۽ اهو ملڪ پاڪستان جي نالي سان سڏبو ويندو جنهن ۾ سنڌ پڻ شامل هوندي.

ڪشن هوٽل وارو اهي ڳالهيون ٻڌندو هو ته ڪاوڙجي ويندو هو. هڪ ٻه دفعو ته جهڳڙو به ڪري ويٺو هو. ليڪن اها زهري هوا نه سڄي ديش ۾ لڳي رهي هئي، ۽ اها زهري هوا هر ڪو ديشواسي، هر سواس سان گڏ اندر کڻي رهيو هو.

هن اڪيلي ٻاهر آخرين فيصلو ورهاڱي جي صورت وٺي رهيو

ڪوليه

اهڙو ڳالهائڻ سبب مکي اُڪجي پيو هو. هن ڪيسي مان هڪ بيڙي ڪڍي دکائي، ۽ اها ڇڪڻ لڳو.

“بابا، مان اندر اچان؟” مکي ٺاڪرداس پنهنجي گهر، پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو پنهنجيءَ ۾ ڪجهه لکي رهيو هو ته سندس وڏو پٽ گوبند در وٽ بيهي پڇڻ لڳو.

“ها پٽ، ڀلي اچ.” ائين چئي مکي ٺاڪرداس پنهنجي پد ڪري، هڪ پاسي ڪري رکي.

گوبند پيءُ جي سامهون ويهي، سامهون پيل ڪرسيءَ تي ويهندي چيو، “بابا، هاڻي ته لاڙڪاڻي جون حالتون ڏاڍيون خراب ٿي ويون آهن. ٽيون ڏينهن جيلس بزار ۾ ڦُر ڪيائون ۽ ڪالهه سيٺو بزار جي هڪ وڏي هوٽل پڻ پوري ڇڏيائون. هرڪو ٿو ڀڄي.”

“پوءِ؟” مکي صاحب پٽ طرف نهاري سوال ڪيو.

“اهڙين حالتن هيٺ اسان هتي گهڻو وقت رهي سگهنداسين، بابا.”

“يعني اسين نه ڀڄي هلون؟”

“ٻيو چارو ئي ڪهڙو آهي.”

“۽ هيءُ جايون؟” خبر اٿيئي مون ڪيتريون جايون ورتيون آهن. پنهنجن ۽ ٻين اَسانجون تو ٿل اڙهن! اهي سڀ ڇڏي هلون؟”

“بابا، عزت کان وڌ جايون ته نه آهن. اهي ته آخر ماڻهو ئي هئا، جيڪي پنهنجون جايون وڪڻي ويا آهن.”

“اهي وڪڻي نه ويا آهن، منهنجي چوڻ تي، مون تي وشواس رکي، امانت طور مون کي وڪڻي ويا آهن.”

“توهان ڪين انهن جا پئسا ڏنا آهن، بابا!”

“اهي پئسا هو مون کي واپس ڪندا، جڏهن هو هتي واپس موٽي ايندا.”

ويندين؟" مکيءَ ڳجڪار ڪئي.

"حال ته مارواڙ ويندس، وڌيڪ اڳي ڏٺو ويندو." پيمن داس جو ڪنڌ اڃا هيٺ هو.

"۽ جنداد؟"

پيمن داس ٿورين ته چپ رهيو. ٿي پوءِ جڏهن مکيءَ وري ورجايس لڏهن هچڪندي هچڪندي چيائين، "ڪالهه دلال هڪ ڳراهڪ وٺي آيو هو."

"ڪير هو؟"

"گل محمد!"

"اڙي حيف هجيئي، پيمن! پنهنجي جاءِ هڪ اوپري مسلمان کي وڪڻي ويندين؟ ۽ مان ڇا مري ويو هوس!"

"توهان......" پيمن داس ڳالهه نه سمجهندي، ڪنڌ مٿي ڪئي، مکي نارائڻداس طرف نهاريو.

"وڃڻو هجيئي ته پل وچ ۾ پنهنجي جاءِ مونکي وڪڻي وڃ. نه صرف لٺهنجي، ملڪ پيو ڪير به لڏي وڃڻ چاهي ته انهي جاءِ به مان ئي خريد ڪندس." ايترو چئي، مکي نارائڻداس سيڌي پيمن جي چهري طرف نهاريو جي سوالي ۽ عجب جي احساس ڀريو مکيءَ کي ڏسي رهيا هئا.

"اڙي ڇوڪرا، توهان سمجهو ٿا ته هيءَ ورهاڱو ڪو هميشه لاءِ آهي؟ هڪ سال به نه هلندو. انهن به ڪڏهن ٿيو آهي جو لکين ماڻهو هڪ ملڪ مان لڏي ٻئي ملڪ ۾ وڃي رهن."

مکي نارائڻداس چوندو پئي ويو ۽ پيمن ٻڌندا پئي رهيا.

"سڀاڻي جڏهن توهان هتي واپس موٽي ايندا ته پوءِ ڪٿي اچي رهندا؟ رستن تي؟ ڇا توهانکي اهي جايون واپس ملنديون؟ مون وٽ توهان جون جايون هونديون ته گهٽ ۾ گهٽ واپس ته وٺي سگهو ٿا. مان توهان کي، توهانجي جاين جي واجبي قيمت ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. وڌيڪ توهين مرضيءَ جا مالڪ آهيو."

ڪولب

اُن ڏينهن صبح جو مسلم پناهگيرن سان ڀريل هڪ ٽرين اچي لاڙڪاڻي بيٺي. پناهگير ٽرين مان لٿا، اسٽيشن لڳ ڳاهٽ تي ويا. انهن مان ڪي يو-پيءَ جا هئا ته ڪي بهار جا، ڪي بينگال جا هئا ته ڪي گجرات جا. مطلب ته وڻ وڻ جي ڪاٺي هئي. پوءِ به هو سڀ هڪ هئا، ڇاڪاڻ جو هو سڀ مسلمان هئا!

ٻپهرن ڌاري اُنهن مان ڪيترا مرد شهر وڃي واءُ سواءُ لهي آيا. ڪي ٽوان ٽڪ مان به ڦيرو ڏئي ويا. شام ڌاري اُنهن پاڻ ۾ ويهي ڪچهري صلاحون ڪيون ته پوءِ جڳهه ڪو فيصلو ڪري، مٿن اولاهيءَ ڏاري ويهه - پنجويهه مرد هٿن ۾ لٺيون ۽ ڪليل رام ٻوري چاڪون ڪڻي، ٽوان ٽڪ ڏي ڪاهي آيا.

پوءِ ته جهڙي جيڪو لڳو، تالو ڀڃي، گهر تي قبضو ڪندو ويو ۽ انهن قبضو ڪندي ڪندي آخر مکي نارائڻداس جي گهر ٻاهران اچي پهتا.

اوڏي مهل ڌاري چڱي اونده ٿي وئي هئي. مکي صاحب کير پي سمهڻ پئي ويو. اوچتو ٻاهر گوڙ شور ٻڌي، بتي ٻاري، ٻاهر نڪري آيو. ٻاهر مسلمانن جو هڪ هجوم بيٺو هو جيڪو همبوشي هٽي هندن کي گاريون ڏئي رهيو هو.

مکي صاحب حشمت قائم رکندي، وڏي واڪي رڙ ڪري چيو، "اڙي ڪهڙا آهيو! ڇا ٿي وئي بغاوت مچايو اٿو؟"

مکي صاحب جي رعبدار شخصيت ۽ سنديءَ ۾ ڏمال ٻڌي ٻهراڻ ته سڀ ڏمڪجي ويا. پر پوءِ اُنهن مان هڪ ڄڻي رڙ ڪري چيو، "سالو ڪافر گاريون ٿو ڏي! پڪوس هڻ ڪڍ!!"

ايترو ٻڌڻ ۽ انهن جو مٿي ڪڙڻ.

مکي صاحب هٿ مٿي ڪري ٻهرون ڏک ڪساڻو، پيو سهي ويو ليڪن پوءِ لڳاتار ڏکن کي هو سهي نه سگهيو ۽ مٿو ڦاٽي، رت وهانيندو، اُتي ئي، پنهنجي وقت لٿي، ڪري پيو. هو ساڻو ٿي ويو هو ليڪن رت هنجو مٿن ۽ ڪپڙا ڳاڙها سرخ ڪري ڇڏيا هئا.

ڪواڄ

"بابا، توهين اِن ڳالهه ۾ ڀليل آهيو. هو ڪڏهن به واپس نه ايندا. هڪ دفعو وڃي هو اُتي وسجي ويا ته پوءِ هو اُتان قيام واپس ڪين ورندا."

مکي نارائڻداس پٽ جي ڳالهين مان ڏاڍو ناراض ٿي ويو. پوءِ به هن نهايت ڌيرج سان چيو، "پٽ گوبند، تون منهنجو مڙئي پٽ آهين، مان تو تي ناراض ٿو ٿيان پر توکي ايترو ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته ڪابه ڌاري ڌرتي، ڪنهنکي به هميشه لاءِ پاڻ وٽ اجهو نه ڏيندي؛ پوءِ چاهي اُهي اُسين هندو هجون چاهي مسلمان! هڪ ڏينهن اهڙو ضرور ايندو جڏهن اُها ڌرتي ڌارين سان ٻاٿي ڏيندي!"

اُهو ٺٽون تڪ، جتي اُڳ ڇهل پهل لڳي پئي هوندي هئي، اُتي هينئر شانتي لڳي پئي هئي. ڪيترن گهرن تي تالا لڳل هئا جن جون چاٻيون مکي نارائڻداس وٽ هيون. ڪشن جي هوٽل، ديارام ٽيلر ماسٽر جو دڪان ۽ هزاري-بزاري ٻانڻن جا دڪان مسلمانن خريد ڪيا هئا. شهرو حجم جي سئلون ۾ اڪثر مسلم نوجوانن جا ٽهڪڙا گونجندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن اُهي نوجوان هندن بابت ڪي گستاخ ۽ اُگرا جملا پڻ واٽ مان ڪڍندا هئا.

مکي نارائڻداس پنهنجي گهر ۾ اڪيلو رهندو هو. سندس ٻئي پٽ، نُهر ۽ پوٽا-پوٽيون به مهينا اڳ، هندستان اُلڏي ويا هئا. هُنن مکي صاحب کي گهڻوئي سمجهايو، ايتري قدر جو روئي سندس پيرن به پڪڙيائون ته هو ساڻن گڏ هندستان وڃڻ لئي راضي نه ٿيو. هو پنهنجي ارادي تان اصل نه هٽيو. هن جو هڪ ئي چوڻ هو ته هو ورهاڱو غلط هئو ۽ ته ٻئي ملڪ جلد ئي هڪ ٿيڻا هئا!

۽ آخر مکي نارائڻداس جو اولاد کيس اڪيلو ڇڏي هندستان هليو ويو.

پئسو پرڌان

(پيار ۽ پئسي تي ايڪانڪي ناٽڪ)

● جي. اين. ناگراڻي (دهلي)

آستان- دهلي

ماحول- ماڊرن فرنيچر پردن تصويرن ۽ گلن ڦلن سان سينگاريل ڊرائنگ روم، پٺ ۾ ڪتل مخفي لاڪر.

وقت- ڏهه بجا صبح.

ڪردار

(١) سيٺ ساجنداس (٦٢) سرڳواسي سيٺ موهنداس، موهن ڪلاٿ مل جي مالڪ جو ننڍو ڀاءُ، مل، مال ملڪيت جو ٽرسٽي، پئسي جو پجاري. حرفتي.

(٢) دادن (٥٢)) ساجنداس جي دنبي زال.

(٣) اندرا (٢١) ساجنداس جي ڀائٽي، سهڻي، سمجهو، محڪم ارادي واري، پئسي کان پيار جي پجاري، آنند جي پريمڪا، گريجوئيٽ.

(٤) آنند (٢٨) موهن ڪلاٿ مل جو مئنيجر، محنتي، هوشيار، بهادر، اندرا جو پريمي، گريجوئيٽ.

(٥) لڇمڻ (٤٠) بڇمڻ (٤٢) سيٺ موهنداس جا جهونا، وفادار نوڪر، زندگي ڪل خوشيءَ ۾ ڪاٽيندڙ، اندرا جا همايتي.

(٦) رامن ماءُ (٣٦) مانٽين واري، رنگين مزاج و ٽوا.

(٧) سيٺ ساڌورام (٤١) لکاپتي فلم پروڊيوسر، ٻن ٻارن جو پيءُ، ڪارو چالاڪ، اندرا سان شادي ڪرڻ لاءِ آتو.

(لڇمڻ بڇمڻ گهرو حالت تي بحث ڪندا اچن ٿا.)

لڇمڻ- پئسو پرڌان.

بڇمڻ- پئسو پلوان.

لڇمڻ- پئسو ڀڳوان.

بڇمڻ- پئسو شيطان.

جيئن ئي هڪ ٻاهگير هڪي اوراڱهي گهر اندر داخل ٿيو لڳو ته اچانڪ ڪٿان مکي صاحب جي ساٿي سوڙ ۾ ٻهليءَ جهڙي ليڙي آچي وئي ۽ هن هٿ وجهي، هنجي ننڍ پڪڙي ورتي ۽ ڪمس ٻاڻ طرف ڇڪي، ذري گهٽ ٻاهر ڌڪو ڏيندي، ٻنهنجي سموري طاقت ۽ هوش سان چيو، "جيستائين منهنجي سوڙ ۾ ٻراڻ آهن ليستائين مان ڪنهن به ڌارئي کي هيءَ چانئٺ اورانگهڻ نه ڏيندس."

هن اُچا ايترو چئي اُس مس ڪئي ته اوڏي مهل، هڪ ئي وقت ٻنج رامپوري ڪپ مکيءَ جي وشال سيني ۾ کپي ويا...

دوها

رانيون آهن مانيون ليڪن، چانڊوڪين ۾ شور،
يادن جي صحرا ۾ ڀٽڪي، احساسن جو مور.
پيڙائن جي جهالجهه ڪئي، چيڙين ٿيو چالاه،
خوشي به اڄ لڇي پئي، درد نه اڏو ڳاهه.
ٻن جهڙ رت ايندي رهي، ڪيڏا ٻيرا ٻور،
اُچا ٻه گل ڦٽن ٻيا، خوشبو خوشبو گهر.
اُٺ ٻورن شعرن ۾ انين، لڳي ٻيو ويچار،
ڳولي جيئن لمانش ۾، ماڻ وچاڻل ٻار.
دردن سان آ دوستي، پيڙائن سان پيار،
خوشيون اُسالجي لاهه ڪنهن، وڌوا جو ويچار.

— مختيار ملڪ

ساجنداس- ڏٺي پيٽ ماريو ٿي- پيٽ کي پٽي ٻڌي سمهي پئو.

دادن- سمهي پئان! چريائپ جون ڳالهيون (وڃي ٿي).

(ٽيليفون جي گھنٽي وڄي ٿي.)

ساجنداس- هلو ... ڪير ٿو ڳالهائي ... موهن ڪلاٿ مل جو مئنيجر آنند ... ڇو ... مل ورڪرس سٽرائيڪ جي ڌمڪي ڏني آهي؟ ... بونس کپين؟ ڇهه مهنا ٿيا بونس ڏني، سي وري بونس؟ مل بند ڪر "لاڪ آئوٽ" ڪر (Lock out).

(اندرا غصي مان اچي ٿي.)

اندرا- (ٽيليفون کسيندي) نو لاڪ آئوٽ (No lock out) آنند ڏو پهرو اچي سمجهاءِ (ٽيليفون رکي ٿي.)

ساجنداس- نو لاڪ آئوٽ! منهنجي ڪم ۾ دست اندازي ڪرڻ واري تون ڪير؟

اندرا- مان مل جي مالڪياڻي.

ساجنداس- مالڪ مان نه تون.

اندرا- تون ٽرسٽي. دادي توکي ٽرسٽي ٺاهيو جڏهن مان ننڍي هيس. هينئر وڏي ٿي آهيان، ڪاروبار هلائڻ جي لائق ٿي آهيان.

ساجنداس- لائق هجين ها ته منهنجو وڏو ڀاءُ مونکي ٽرسٽي نه بڻائي ها.

اندرا- انڪل. دادي جي جيئري مان صغير هيس، هينئر بالغ آهيان. ڪورٽ توهانجو ٽرسٽي پڻو رد ڪري ڇڏيو.

ساجنداس- پرواهه ناهي. توهانجي شادي ته مان ڪرائيندس.

اندرا- شاديءَ جو وچن ڏئي چڪي آهيان.

ساجنداس- ڪنهن کي؟

اندرا- آنند کي.

ساجنداس- مل جي نوڪر کي؟

اندرا- مل جي مئنيجر کي.

ساجنداس- اها شادي هرگز نه ٿيندي.

لڇمڻ- ڀڳسو شيطان! ڇا مطلب؟

ڀڳمڻ- ڀڳسو شيطان نه هجي ته اسانجو سيٺ ساڄنداس سرڳواسي سيٺ موهنداس، وڏي پاءُ جي ڪپڙي جي مل، مال ملڪيت جو ٽرسٽي ٿي، حرفت سان سڀڪجهه هضم ڪرڻ جون سٽون نه سٽي.

لڇمڻ- برابر، ڀڳسو شيطان آهه. اسان ٿي سيٺ موهنداس جا جهونا، وفادار نوڪر آهيون. ساڄنداس جون سٽون سٽي رکنداسين.

ڀڳمڻ- ساڄنداس مها نيچ آهي. سيٺ موهنداس جي ڌيءُ اندرا کي ڀهو آزاري.

لڇمڻ- اندرا کي آزار کان آجو ڪنداسين.

(ٽيليفون جي گهنٽي وڄي ٿي. دادن دلجي لڳڙو ايندي ڪري پٽي ٿي. لڇمڻ ۽ ڀڳمڻ ڪلن ٿا.)

دادن- مٺا اڪاسن وارگو پيا ڪلو. اٿاريو، ساهه ٿو لڪري

(لڇمڻ ۽ ڀڳمڻ پانهن کان وٺي اٿاري کوچ تي وهارنس ٿا.)

ڀڳمڻ- ماني لوکي ڇيو ڪنهن نه اچ؟

دادن- ٽيليفون ڇيو.

ڀڳمڻ- اساجي وٽي ٽيليفون ٻڌڻ ڇو آئين؟

دادن- پاهه لڳي ٽيليفون کي.

(سيٺ ساڄنداس اچي ٿو. هٿ ۾ آفيس بئگ اٿس. لڇمڻ ڀڳمڻ وڃن ٿا.)

ساڄنداس- ٽيليفون ڀنيون ڇو پيٺي آهين؟

دادن- رات ڏيهن ٽين ٽين ڪري مٺو کائي وڃي آ. اڳوڻون تو ٽيليفون ڪيو؟

ساڄنداس- ها.

دادن- ڪاٿون؟

ساڄنداس- موهن ڪلاٿ مل مون،

دادن- وئڏي مون ڏکندي آهس، ڪري وهي پيس،

ڪڙاڄهه

رامن ماڻ- ڪارو رام جو پيارو.
ساجنداس- ٻي ڪا وڏ اٿس؟
رامن ماڻ- خاص ڪا وڏ ڪانهيس، وڏو پيارو ٻن ٻارن جو
پيءُ آهه.
ساجنداس- ڇا ڏيندو ڇا وٺندو؟
رامن ماڻ- ڏيتي ليتيءَ ۾ ڪجهه ڪونه. وٺندو الٽندو ڏيندو.
ساجنداس- ڇو ڏيندو؟
رامن ماڻ- اندرا جي سونهن تي اکين ڇڪن آهه.
ساجنداس- اندرا کي سڃاڻي؟
رامن ماڻ- چڱيءَ طرح. هڪ دفعي اندرا ڪاليج سٽيج تي
وائي، ڳايو. ساڌورام چيف گيسٽ هو. اندرا جو مٺو آواز اهڙو
وڻيس جو هڪدم سؤ روپيا روڪ انعام ڏنائينس.
ساجنداس- اندرا کي هڪدم سؤ ڏنائين. اسان کي ڇا ڏيندو؟
رامن ماڻ- پنجاهه هزار.
ساجنداس- پنجاهه هزارن مون ڇا ٿيندو؟ اڌ ته لون ڪٽنديءَ
اڌ مان. هڪ لک ڏيندو؟
رامن ماڻ- اندرا جي عشق ۾ ڏيندو.
ساجنداس- عشق جو فائدو وٺ.
رامن ماڻ- لون ڇٽو آهين، رامن ماڻ کي گهٽ سمجهو ٿي؟
ساجنداس- گهٽ! تنهنجي هاڪ هُدي ماڻيءَ جو معاملو تنهنجي
حوالي ڪيم.
رامن ماڻ- سيٺ ساڌورام کي وٺي اچان؟
ساجنداس- ڀلي وٺي اچينس پر دير نه ڪج.
رامن ماڻ- ڇاجي دير، ٻاهر موٽر ۾ ويٺو آهه.
(ساڌورام، رامن ماڻ سان گڏجي اچي ٿو.)
ساڌورام- سائين رام رام.
ساجنداس- رام رام، خوش آهيو، چڱا ڀلا.

اندرا- ضرور ايندي (وڃي ٿي.)
(ٻاهرين در تان ٻڌو وڃي ٿو.)
ساجنداس- لڇمڻ!
ٻڇمڻ- (ايندي) آيو سائين.
ساجنداس- سڏيان لڇمڻ کي ته اچي ٻڇمڻ.
ٻڇمڻ- مان سمجهو ماکي سڏ ڪيو.
ساجنداس- لڇمڻ کي موڪل.
(ٻڇمڻ وڃي ٿو لڇمڻ اچي ٿو.)
لڇمڻ- سائين حڪم.
ساجنداس- ٻاهر ڏس ڪير آهي.
لڇمڻ- رامن ماٽ، ماڻهين واري.
ساجنداس- وٺي اچيس.
رامن ماٽ- (ايندي) سيٺ هريرام.
ساجنداس- هريرام. چڱو جو وقت تي آئين.
رامن ماٽ- ڳالهه ڪريو.
ساجنداس- اندرا ۽ منهنجو جهڳڙو ٿيو آهي. شاديءَ جي ڳالهه ڪئي مانس ته انڪار ڪيائين. آنند کي شاديءَ جو وچن ڏنو اٿس. مان زوريءَ شادي ڪرائيندو ساس. ضد جو ضد ٽاٽن جا ٽاٽان.
رامن ماٽ- منهنجو حصو نه وسارج.
ساجنداس- ڀولن ٿون ٻوه مان. ڪو ٽاٽي وارو جوان هٿ ڪيو ٿي؟
رامن ماٽ- ٽاٽي وارو لڪاٽي فلم ٻوڊٻوسو.
ساجنداس- ٽالو ڇا اٿس.
رامن ماٽ- سيٺ ساڌورام.
ساجنداس- ساڌورام ته آڳو واڌورام ته ڪولهي؟
رامن ماٽ- فلم وارا ڪڏي ساڌورام ته ڪڏي واڌورام.
ساجنداس- سهڻو آهه؟

ڪولهي.

قبول آهي- پنجاهه هزار اڳواٽس پنجهتر هزار وٺڏيءَ تي.

رامن ماڻ- ڳالهه ڪري ڏسانس. ساڌورام، ڳالهه ته ٻڌ (ٻاسيوو) ساجنداس اندرا جي شادي بدلي سوا لک ٿو گهري، پنجاهه هزار اڳواٽس پنجهتر هزار وٺڏيءَ مهل.

ساڌورام- سيٺ ساجنداس سوا لک اندرا جي سونهن صدقي- في الحال وٺ ويهه هزار- "ليلا مجنون" فلم ٺاهڻ ڪري هن وقت هٿ سوڙهو آهي- باقي پئسا وٺڏيءَ مهل ڏيندس.

ساجنداس- ڪڻ قسم جهوليلعل جو.

ساڌورام- لعل سائين چٽ ڪندو جي ڦري وڃس (وڃي ٿو.)

رامن ماڻ- ڏي ويهه هزار.

ساڌورام- (ويهه هزار ڏيندي) ويهه هزار تنهنجي سونهن صدقي (وڃي ٿو.)

لڇمڻ- قربان قربان.

ڀڇمڻ- صدقي صدقي.

رامن ماڻ- توهان ٻي منهنجي سونهن صدقي؟

لڇمڻ- سونهن ڀڳوان بخشي آهي- ڪير صدقي نه ٿيندو. بابا آدم بيبي هوا تي صدقي- يوسف زليخان تي صدقي.

ڀڇمڻ- وشوامتر ميڪا تي صدقي- رام سيتا تي صدقي.

لڇمڻ- اسان توتي صدقي- دلبر، اسان سان شادي ڪندينءَ؟

رامن ماڻ- هڪ زال جا ٻه مڙس؟

لڇمڻ- دروپديءَ جا پنج پانڊو مڙس.

ڀڇمڻ- امريڪا ۾ هڪ عورت جا ڇهه مڙس.

رامن ماڻ- شادي ڪنديس پر هڪ شرط تي.

لڇمڻ- ڪهڙو شرط؟

رامن ماڻ- توهان ٻنهي مان جيڪو دادن دلجيءَ جي تولهه گهٽائيندو تنهن سان شادي ڪنديس.

لڇمڻ- ٻئي گڏجي تولهه گهٽايونس ته ٻنهي سان؟

ڪولهه

ساڌورام- ايترو ٻڌان ته خوش ٿي خوش.

گيت- (پاسيرو) خوشيءَ جو خزانو سيني وٽ لڪو
ايترو آهه ٻڌان ايتري ملڪ مٿو.

(ٽيليفون جي گهنٽي وڄي ٿي- دادن دلبي لڪڙو اٿندي ڪري پئي ٿي- ساڄنداس ۽ رامن ماما انٽرنس ٿا.)

ساڌورام- هيءَ ماڻي ڪير آهه؟

رامن ماما- سيٺياڻي.

ساڌورام- سيٺياڻي هرڀوام.

دادن- هرڀوام، ڪير آهه؟

رامن ماما- امي، سيٺ ساڌورام کي ڪونه سڃاڻين؟

دادن- اڙي ها، سيٺ واڌورام فلمن واري جو پٽ- ڇو آيو آهه.

رامن ماما- اندرا سان شادي ڪندو.

دادن- اندرا کي جلد اڪلايو- ڏيءَ ڏه گهڻا سال ڪنواري ويٺي هوندي.

ساڌورام- امي، اڄ ئي شادي ڪرايوس ته مان تيار آهيان.

دادن- پالپڙ ڪون موريٽ (مهورت) ڪڍايو ٿي؟

رامن ماما- پانيڙ ڇا ڪندو- سيٺ ساڌورام شاديءَ جو ڏينهن، تاريخ، وقت پنهنجي پسنديءَ موجب ٻڌاءِ.

ساڌورام- (ڪوٽ جي کيسي مان انگيجمينٽ ڊائري (Engagement diary) ڪڍي پڙهندي) پهرين ڊسمبر کون ڏهين ڊسمبر تائين ليلا مجنون فلم جي شوٽنگ، يارهين ٻارهين پاپي ۽ امان جو سراڌ، تيرهين تاريخ شاديءَ جو بندوبست ڪريو.

گيت- (پاسيرو) تاريخ تيرهين ترڪٽي وڏا ٽيڏا رنگ،
پلي والڪو پوڪٽي پوندو پاري پيڪ.

رامن ماما- سيٺ ساڄنداس، تيرهين ڊسمبر آرتوار راس جو ڏهين ٻجي اندرا جي سيٺ ساڌورام سان شادي قبول ٿي.

ساڄنداس- پهرين ڳالهه ٻڌ (پاسيرو) سوا لک ڏي ته شادي

ڪرائي.

جهڙو سهڻو، چالاڪ، قد بت تو جهڙو.
اِندرا- هولي ڇا ڪندو؟
آنند- منهنجي سمجهه ۾ نه آيو.
ساوتري- وڃو اچو ته ڪن ۾ سمجهايانو (ڪن ۾ سمجهائي
ٿي- ٺهڪ ڏئي کلن ٿا.)
اِندرا- ساوتري مهرباني. هوليءَ جو سانگ ٿيندو.
آنند- شاديءَ جو شغل وانگ ٿيندو.
(کلن ٿا- دادن ٿولهه گهٽائي مڊم والگر هٽٽ، فراڪ، پلٽٽ
فارم شو پائي اچي ٿي.)
دادن- کلو ڇا ٿي ٿا I like hear
اِندرا- (عجب مان) دادي دادن! انگريزي ٻڌس، انگريزي
ٻولي! دادي هاڻي ته مڊم ٿي لڳين- ٿولهه ڪاڏي وئي.
دادن- You mean fat? fat go to hell (کلن ٿا)
اِندرا- دادي، ڪهڙي ڊاڪٽر جو علاج ڪيو؟
دادن- Three doctors
اِندرا- Which three doctors?
(رامن ماڻ، لڇمڻ ۽ ڀڇمڻ اچن ٿا.)
رامن ماڻ- ڊاڪٽر رامن ماڻ.
لڇمڻ- ڊاڪٽر لڇمڻ.
ڀڇمڻ- ڊاڪٽر ڀڇمڻ.
اِندرا- علاج ڪيئن ڏنيو؟
رامن ماڻ- مون- لڇمڻ ۽ ڀڇمڻ کي ٽاڪيد ڪيم ته- داديءَ
کي ٻه ٽي ڏينهن بک ڪڍايو، پانهن کان وٺي گهر کان ٻاهر گهمايو.
اِندرا- انگريزي ڪيئن سيکاريس؟
رامن ماڻ- ٽوري گهڻي اڳڀٽي ايندي هيس- ماسترياڻي رکي
ڏني سونس.
اِندرا- اَمي واڌايون.

رامن ماءُ- ٺهي سان.

لڇمڻ- تولھ ڪيئن گھٽايو اٿس؟

رامن ماءُ- ٻه ٽي ڏينهن ٻڪ ڪيا هوس، گھر کون ٻاهر اُٿين گھمايوس جيئن مان ٿي گھمان (ناز نخري سان چيلھ لوڏيندي وڃي ٿي.)

لڇمڻ- اِڪ، لهي ٿي اوڏ رامن ماءُ جي چيلھ جي.

ٻڇمڻ- رات رهي ڏس راڻي ڪٿ ٿي چڙهي ٻيلھ ٿي.

(وڃن ٿا- سڀئي لي ٻهم مست اوله.)

... ...

(اِندرا، آنند جي اِنتظار ۾ گھڙي گھڙي در ڏانهن پيئي نهاري.)

اِندرا- (پنهنجي منهن) آنند اڃان ڪونه آيو (ٻاهرين در تان نزد وڃي ٿو.) شايد اچي ويو (در کولي ٿي ته- آنند بدران سندس ڀيڻ ساوتري اچي ٿي.) ساوتري گھڻن ڏينهن کانپوءِ آئي آهين.

ساوتري- ها ڪريان، بي- اي- امتحان جي تياريءَ ڪري وقت ئي ڪونه مليو.

اِندرا- آنند، اچڻ ۾ دير ڇو ڪيو؟

آنند- تنهنجي instructions موجب مل ورڪرس کي بونس ڏيڻ ۾ دير ٿي ويئي- ڪاليج ٻاهران ساوتري گڏجي ويئي- موٽر ۾ چاڙهي وٺي آيو مانس- تون پنهنجي ڪر خبر.

اِندرا- خبر خير جي- ڪالھ- اَڪل ساجنداس زبردستي منهنجي شادي سيٺ ساڌورام فلم پروڊيوسر سان تو ڪرائي- شادي ايندڙ آرتوار، تيرهين ڊسمبر، رات جو ڏهين بجي ٿيندي- مان ته گھبرائجي ويئي هان.

ساوتري- گھبرائڻ جي ڪانهي ڳالھ ڪالهي- شادي برباد ڪرڻ لاءِ هڪ تجويز سوچي اٿم.

اِندرا- ڪهڙي تجويز؟

ساوتري- منهنجي ٻيڏي پاءِ موليءَ کي ته سڃاڻين- مولي تو

ڪرُله

(موٽي ڪنوار اٿي اچي ٿو. دادن هٿ کان وٺي ساڌورام جي پرسان وڪيل صمداڻيءَ تي ويهاريس ٿي.)

گوپال- (سيٺ کي هٿ ۾ چانور ڏيندي، اوم گڻي شاهه نمہ، برهما وشنو، مهيش نمہ، نمون نمون. چانور گهوٽ ڪنوار تي ڦٽا ڪريو. شڀ لگن ڪلياڻم، دکشڻا ٿالهيءَ ۾ وجهو (ساڄنداس ۽ ماڌورام ٿالهيءَ ۾ ٻه ڪيون وجهن ٿا. مهراج گهوٽ ڪنوار ۽ ٻين کي ٽلڪ ڏيئي ناريل ڀڃي پتاشن سان ورهائي ٿو. گهوٽ ڪنوار جو پلي پلؤ ٻڌي اگني ديوتا جي چوڌاري چار ڦيرا پائين ٿو. چوٿين ڦيري تي موتيءَ جي مٿي تي مڪ، وهي ٿي. مڪ، کي هڪليندي ساڙهي مٿي تان لهندي زنالي وڳ مٿي تان ڪري پئي ٿي.)

ماڌورام- اڙي هي ڇا!

ساڌورام- چوريءَ مون چورو.

دادن- توجو مٿو ٿو ڙهو.

ساڌورام- (ساڄنداس کي ڳچيءَ کان وٺي ٿو لشو هٽندي) بدمعاش، ڪتا. ڪمينا، وٺ هزار اڊوانس وٺي چوريءَ بدرون چوري سان شادي.

ساڄنداس- اڙي ٻچايو ٻچايو!

(چوڌري چوڻداس، پوليس انسپيڪٽر، سيٽي وڄائيندو ٻن سپاهين سان گڏ اچي ٿو.)

چوڻداس- پڪڙيو هنن بدمعاشن کي. هٿ ڪڙي هڻو. مس مايا ديوي فلم ستار جا خولي آهن.

(سپاهي ساڌورام ۽ ماڌورام کي هٿ ڪڙيون هڻي ٻانهن کان پڪڙن ٿا.)

چوڌري- ٽاٽي وٺي هلو.

Quick March! Left right left (وڃن ٿا.)

دادن- خونيءَ سان آيلا جي شادي!

ڪولهه

آنند- (ٻاهران ٻولندي) امي واڌايون.
دادن- پٽ آنند، گرو توکي ڀيڻ جون واڌايون ڏيندو.
ساوتري- امي واڌايون.
دادن- ساوتري، ٻڌي شل سدائين خوش هجين.
لڇمڻ- امي چاڪ ڪيوسو لڳن- اسانجو عرض اگهاءِ.
دادن- حڪم ڪريو.
لڇمڻ- ٻڌي اندرا کي ساڌورام سان شادي ڪرڻ کان ٻڌاءِ- شاهوڪار ٿيو ته ڇا ٿيو، اندرا کان وڌ سال وڏو، ٻاهوڙو، ان پٽن جو پيءُ، ڪارو جهڙو ڪوئلو- ڀيڻجي ڏيءِ هجڻي ته شادي ڪرائيندس؟
دادن- ساڌورام کي ٻاهر ڏيان (اندرا ۽ آنند کي ٻاڪر پائيندي) اندرا منهنجي ڏيءِ آنند منهنجو پٽ.
آنند- (دادان کي ڀرپان ٻولندي) امي، پٽ جو چيو مڃيندو؟
دادن- هڪ ڪون لک دفعا مڃيندس.
آنند- ساوتريءَ، ساڌورام جي شاديءَ کي ڇرچي سان اڏائڻ جي تجويز سوچي آهي.
دادن- ڪهڙي تجويز؟
آنند- اندر هلو ته سمجهايانو.
(وڃن ٿا. سٽيج تي پنج منٽ اونده- اونده ۾ لڇمڻ ۽ ٻڌمڻ شاديءَ جو منصوبو ٺاهن ٿا.)

... ...

گهر ٻاهران ٻئنڊ باجي جي وڄڻ جو آواز اچي ٿو- ساڌورام گهوٽ ٺهي ٻاهر گهوڙيءَ تي چڙهي اچي ٿو- ساجنداس سهڪندو اچي ٿو.)
ساجنداس- سيٺ ساڌورام جي ڄڃ اچي وئي- اڙي ڪاڏي ويو؟ دادن، لڇمڻ، ٻڌمڻ، رامن ماڻ، پانيرڻ!
'ٻاهر وڃي، ساڌورام ۽ ساجنداس ساڳي ماڌورام منيجر کي آڻي، شاديءَ جي منصوبي ۾ رکيل صندليءَ تي وهارن ٿا.)
گوپال مهراج- ڪنوار کي آڻيو.

ڪنوار.

رامن ماڻ - اُمي معافي ڏيو نہ ٻڌايانو.

دادن- ڀلي ٻڌاءِ.

رامن ماڻ- شرط اِهو وٺم نہ هڏن ٻنهي مون جيڪو اُوهانجي ڌولهہ گهٽائيندو تنهن سان شادي ڪندس.

دادن- منهنجي ڌولهہ تہ ٻنهي گهٽائي- ٻنهين سان شادي ڪيئن ڪندينءَ.

مهراج- ڇهہ مهنا لڇمڻ سان ڇهہ مهنا ٻڇمڻ سان.

دادن- ويچاري رامن ماڻ شرابي مڙس جو سهاڳ، ڪونہ ماڻيون- ستو شراب پي ماريندو هوس- ستي شراب جهرو جلائي ڇڏيس- آخر مري ويو- توهان ماريندوس نہ ڪونہ؟

لڇمڻ- پيار جي مار ڏيندا سواس.

ٻڇمڻ- پادر ۾ پاڻي پيئندا سونس.

لڇمڻ- هندون ۾ لوڏيندا سونس.

ٻڇمڻ- ڪيچ ۾ ڪٽي گهمائيندا سواس (ڪل).

دادن- (ساجنداس کي) لون ۽ ڪيچ ۾ ڪٽي گهمائيندو هئين؟

ساجنداس- پيج مٺي ڇپ کي ڪيچ ۾ ڪٽان نہ پوڻ پر ڪران (ڪل)

دادن- مهراج، ٻڌين ڀلي ڀلؤ ... هاڻي نہ خوش ٿيو؟

(لڇمڻ ۽ ٻڇمڻ خوشيءَ ۾ راڳ ڳائن ٿا، پيا نچيان وائن ٿا.)

راڳ

لڇمڻ- خوشي ٿي آهي اُپار، گهوٽ ٿي آندي مان سهڻي ڪنوار.

ٻڇمڻ- اُلهہ ٻڌي هڪوار، سهڻي ستي مومل جا ٻئي پتار.

رامن ماڻ- چوڙا گهڙاني ڏي ڪنگڻ گهراني ڏي.

دادن- oh yes oh yes

رامن ماڻ- ڪوڙا ڪنگڻ ڪو نہ پائيندس.

دادن- no no no no

رامن ماڻ- سون سچي جا زيور پائيندس.

لڇمڻ- وٺ زيور دلدار (پيچيءَ ۾ هار پائيس ٿو.)

ڪولهہ

ساجنداس- مونکي ڪهڙي خبر ته ڳولي آهه. رامن ماڻ ڦاسايو.

رامن ماڻ- مان ڦاسايو. ڇيه ڪين ته اندرا جي زيودسعيءَ شادي ڪرائيندس، ڪو لکاپتي گهوٽ وٺي ڏي جيڪو پيسا ڏئي.

دادن- پيسي جي لالچ تي ڀاڻيءَ کي وڪيءَ (ٻولبو ڏيندي) لک، جي لعنت اٿي.

مهراج- شيم شيم (Shame Shame) اڳواٽ خبر هجي ها ته ويندي پڙهڻ ڪو نه اچان ها (اندرا کي هٿ جوڙيندي) ديوي مونکي معاف ڪج.

اندرا- توهان تي ڪوئي دوش ڪونهي.

مهراج- سيٺ پاپ جو پراشچت ڪرڻو پوندءِ. معافي وٺيس.

ساجنداس- (اندرا کي پيرين پوندي) ڌيڙي مونکي معاف ڪر.

اندرا- (ساجنداس کي اٿاريندي) دادا توهان منهنجي پيءُ سمان آهيو.

دادن- گذريءَ کي وساريو. نخت، بخت، گلن جا هار کڻي اچو (هار ولي ساجنداس کي ڏيندي) وجهين هار (اندرا ۽ آنند جي ڳچيءَ ۾ هار وجهي ٿي.) مهراج پڙهڻ لڳي ٿو.

نخت- امي، ٿورو ترسو.

دادن- ڇو؟

نخت- منهنجو ۽ بخت جو به پلي پلؤ پڌايو.

دادن- تون بخت سان شادي ڪندين؟

نخت- اسان سان شادي ڪرڻ واري ساموهون بيٺي آهه.

دادن- ڪير؟

نخت- رامن ماڻ.

دادن- رامن ماڻ واڌايون. لکي لکي شاديءَ جو ٻول ٻوليو.

رامن ماڻ- شاديءَ لاءِ منهن ميڙ ڪمائون. هڪ شرط تي شادي ڪرڻ ٻاسيم.

دادن- ڪهڙو شرط؟

اُن هوندي به....

صبوح جو اُن گهڙيءَ بعد، پيو ڪافي تڪليف محسوس ڪري رهيو هو.

هو اڃان پريشان نه هوَ اُن ڏينهن کان ئي هئو، جنهن ڏينهن پٽس، سندس مرضيءَ جي خلاف، پاسي واري ڪالونيءَ جي ڪنهن ڇوڪريءَ سان شادي ڪري سندس در تي آيو هئو. ۽ انهن هن خود ئي، پنهنجي پٽ لاءِ گهر جا دروازا هميشه لاءِ بند ڪري ڇڏيا هئا. انهن ڪان، پيا اُن ڏينهن کان پوءِ، اوڙي پاڙي يا مٽن مائٽن جي وچ جيڪا سس پس ٿيڻ لڳي هئي- پيو اُن جو ڪو ٺوس جواب ڪنهن کي نه ڏئي سگهيو هئو. ۽ اهڙي جواب نه ڏئي سگهڻ جي مجبوري، کيس اَندر ئي اَندر ٺوڙي رهي هئي. جڏهن به ڪو پاڙي وارو، يا ڪو مٽ- مائٽ کيس اَچي ٻڌائيندو هئو ته فلاڻو يا فلاڻو توهان بابت گهٽ وڌ ڳالهائي رهيو هئو، انهن غصي سان گڏ کيس تڪليف به محسوس ٿيڻ لڳندي هئي

پر اَج اهڙي ڪا ڳالهه ڪان هئي. اَج نه هوُ صرف ان لاءِ تڪليف محسوس ڪري رهيو هئو، جو صبوح ساڻ، سدان- پاڻي ڪرڻ بعد، جڏهن نيم اَاوسار هوُ مندر ڏانهن وڃي رهيو هئو- ته واٽ تي هن ڏٺو، ته سندس پٽ، پنهنجي جوءِ سان گڏ ٽانگي ۾ ويهي سامهون واري رستي کان اَچي رهيو هئو. ۽ هڪ ننڍڙو ٻار، پنهنجي ڪنهن گڏي جيان، انهيءَ جي گود ۾ هئو.

هو اُن ٻنهي جڻن پيءَ کي سامهون ايندو ڏسي ورتو هئو. پر پٽس جاڻي واڻي منهن ڦيري ڪڍي پاسي ڪيو هئو.

پيو انهن غصي وچان لعل ٿي ويو. پر پوءِ خود پيءُ به پٽ جي ان رخيءَ جي جواب ۾، جهڙي سان ٺهڙو وارو ورتاءُ ڪندي،

ٻڌمڻ- (ڏاڍي ڏکو ڏيندي) ڪر سنو سيڱار
ٻيا- واهه واهه.
لڌمڻ- منهنجي ڳلي جا هار
ٻيا- واهه واهه.
ٻڌمڻ- منهنجي مٿل منار
ٻيا- واهه واهه.
لڌمڻ ۽ ٻڌمڻ- گهوٽ ٿي آندي آسان سهڻي ڪنوار.
(پردو ڪري ٿو- سماپت)

نظم

جهڙو ماڻهو تهڙو ناڻو، هر ڪو پنهنجي اڳهه- اڳهاڻو
جيڪو ماڻهو ڪين وڪاڻو، سو ٿي ماڻهو موليه داڻو.

(١) ڪنهنجي ٿي هٽ ذات وڪامي، ڪنهنجي ٿي هٽ ڏات وڪامي
ڪنهنجي ٿي هٽ ٻات وڪامي، ڪنهنجي ٿي هٽ رات وڪامي
هيڏي وڪري جو نه وڪاڻو، تنهنکي مليو جسهل ۽ ناڻو
جهڙو ماڻهو تهڙو ناڻو

(٢) ڪنهنجو ٿو هٽ رس وڪامي، ڪنهنجو ٿو هٽ سٽ وڪامي
ڪنهنجي ٿي هٽ پت وڪامي، ڪنهنجي ٿي هٽ مت وڪامي
ڪيڏا ڪلنڪيدار وڪاڻا، ڏسندي ڏسندي جاڻو سڃاڻو
جهڙو ماڻهو تهڙو ناڻو.

ابراهيم منشي

ڪولبه

ڏسندئي، پيءُ جو ڌيان وري پنهنجي پٽ ڏانهن هليو آيو، ته
هڪ وقت هئو، جڏهن هو خود به پنهنجي پٽ جي آڱر پڪڙي،
کيس اسڪول تائين ڇڏائڻ ويندو هئو ۽ پوءِ هر روز شام جو
هو اسڪول جي ٻاهران وڃي بيهي رهندو هئو، ته جيئن موڪل
ٿيندئي هو پنهنجي پٽ کي سلامتيءَ سان واپس گهر وٺي اچي.

اهو سڀ سوچيندي سوچيندي پيءُ جو من ڀرجي آيو. کيس
لڳو، ته وقت جي ڪهاڙيءَ ڪيئن نه پنهنجو زوردار وار ڪري،
پيءُ-پٽ کي اَلڳ، ڪري ڇڏيو هئو. اَڄ اُن ئي پٽ، پيءُ کي
ڏسندئي ڪنڌ ڦيري ڇڏيو هئو، جنهن جي آڱر پڪڙي، پيءُ
کيس حياتيءَ جا صحيح رستا ڏيکاريا هئا.

00

مندر ۾ به اڄ پيءُ جو من نه پئي لڳو. کيس لڳو ته سڄي
آرتيءَ وقت هو صرف پوڄاريءَ جا لفظ دهرائيندو رهيو. اُنهن مان
هن اڄ پنهنجو ڪو ارٿ نه ڪڍيو. هونئن اڪثر اِئين ٿيندو آهي،
ته آرتي هلندي هلندي، هو آرتيءَ جي هر سٽ مان ڪو موزون
مطلب ڪڍندو آهي ۽ پوءِ اُهو اَرٿ، گهر اَچي، پنهنجي زال کي
چڱيءَ طرح سمجهائيندو آهي.

پر اَڄ پيءُ جو اُن ڳالهه ڏانهن من ئي نه پئي لڳو. کيس ياد
اچڻ لڳو ته ڪيئن نه پنهنجي پٽ کي پاڙهي ڪري، هن کيس
نوڪري ڪرڻ لائق بڻايو ۽ پوءِ ڪيئن نه پٽ کي نوڪري ڏيارڻ
لاءِ، هن کي پنهنجي پراڻي دوست جو احسان کڻڻو پيو. ۽ اَڄ پيءُ
جي انهن ڪوشش ۽ ڪشالن جو بدلو پٽ اِهو ڏنو، جو کيس
ڏسندئي منهن ڪٽي ٻئي پاسي ڪيائين.

00

هونئن، پنهنجي پٽ مان من کٽو نه سندس، اُن ڏينهن ئي
ٿي ويو هئو، جنهن ڏينهن پيءُ کيس اِهو ٻڌايو هئو ته سڄي
پاڙي ۾ اِهو اُفواهه ڦهليل آهي ته منهنجو پٽ، پاسي واري

اُن گٽي ڪنڌ هيٺ ڪيو، جڻ هن نه ٻڌي ماڻ ڪنهن کي ڏٺو ئي ڪونه هئو.

ڇپن ئي ڇپن ۾ ٻيو جيڪي منتر اچاريندو پئي آيو، اهي جڻ ڪجهه دير لاءِ ٻند ٿي ويا. دل ئي دل ۾، ٻٽ جي ان حرڪت لاءِ، ٻيو کيس گاريون ڏيڻ لڳو. کيس لڳو، سندس مٿو ڦوڙو ٿي پيو هئو. ٻئي سان اڪثر اُئين ٿيندو رهندو آهي، جڏهن به ڪو ڪم سندس موضوع جي خلاف ٿيندو آهي، ته اُن تي کيس غصو اچي ويندو آهي. اُئين ٻئي جو ٻلڊ پريشر ڪافي وڌي ويندو آهي. ٻهراڻ ته لفظن دواران ٻيو پنهنجو غصو ڪڍي وٺندو هئو. پر هڪ ڏينهن، ڪنهن ڳالهه تي هو اِترو ته غصو ڪري ويٺو، جو هو ٻهه آپي کان ٻاهر نڪري ويو هئو. ۽ اُئين ڪندي کيس دل جي تڪليف ٿي پيئي هئي. تڏهن کان، ڊاڪٽرن جي صلاح مڃي، هو غصي کي پي ويندو آهي. هاڻي هو پنهنجي ڪاوڙ کي لفظن دواران ظاهر ٿيڻ نه ڏيندو آهي. پر ٻئي ڪـي ڪيئين ڀيرا اُئين محسوس ٿيو آهي ته اُئين ڪرڻ سان به ڪو خاص فرق ڪونه پيو آهي. لفظن معرفت ڪاوڙ کي ٻاهر نه ڪڍڻ ڪارڻ، وقت ٻوقت غصي کي پي وڃڻ ڪري- سندس سڄو سرير ڪنبڻ لڳندو آهي. تڏهن کان ٻئي جي من ۾ هڪ ڊپ ويهجي ويو آهي. ته ڪٿي اُئين نه ٿئي، ته غصي کي اُئين دٻائيندي دٻائيندي، ڪنهن ڏينهن کيس اَڌرنگ ٿي پوي.

اُنهن مٿين ڳالهين کي ذهن ۾ رکي، ٻئي پنهنجو ڌيان ٻئي ڪنهن پاسي لڳائڻ چاهيو. هن، ٻنا ڪنهن مقصد جي، رستي جي ساڄي کابي نهارڻ شروع ڪيو. رستي جي هڪ پاسي کـان ڪي ٻور- ٻڳا وڃي رهيا هئا. ٻئي پاسي کـان، ڪلهن ۾ ٿيلها لٽڪايو، ڪي اسڪولي ٻار اسڪول ڏانهن وڃي رهيا هئا. اُنهن ٻارن ۾ وچ تي ٻئي ڏٺو، ته هڪ ٻيءَ پنهنجي ٻار جي آڱر پڪڙي، شايد کيس اسڪول ڇڏائڻ لاءِ وڃي رهيو هئو. اُن ماڻهوءَ کي

جي ڳالهه ٻڌائي. نه ٻئي کي اهو واجب نه لڳو، نه پٽ جي آمهون سامهون ويهي، ساڻس ان باري ۾ کلي طرح ڳالهه ٻولهه ڪري.

نيٺ، هڪ ڏينهن شام جو موقعو ڀانئي، هن پٽ کي پاڻ وٽ سڏ ڪيو. جڏهن پٽس سندس ويجهو آيو، ته بنا ڪنهن ڀومڪا جي، هن پٽ کان سوال پڇيو. "آ .... ٻڌو اٿم ته اڄ ڪالهه تون ڪنهن ڇوڪريءَ جي عشق وغيره جي چڪر ۾ آهين؟"

پٽ کي، پنهنجي پيءُ وٽان، اهڙي ڪنهن سڌي سوال جي بہ اميد ڪانه هئي. ان ڪري اول ته هن انڪاري جواب ڏيڻ چاهيو. پر وري پيءَ ڪن ۾ کيس لڳو، گهر وارن کي جڏهن خبر پئجي ئي ويئي آهي، ته پوءِ هرو ڀرو ڪنهن سچائيءَ کي ڪوڙي پردي سان ڇو ڍڪجي؟

ان ڪري، پيءُ جي سوال جو جواب ڏيندي، نمرتا وچان هن چيو. "ها .... توهان جيڪي ٻڌو آهي. سو صحيح آهي .... پر واري ڪالونيءَ ۾ هڪ ڇوڪري آهي .... منهنجي نگاهه ۾ نيڪ آهي .... اسانجا ويچار بہ ڪافي هڪجهڙا آهن .... ۽ مان سمجهان ٿو ته جي ويچارن ۾ هڪجهڙائي هجي تہ، زندگيءَ ۾ اڳتي هلي، ڪنهن بہ تڪليف جي گنجائش گهٽ رهندي آهي ....!"

پٽ جو اهو منطق، پيءُ کي ڪٿي بہ غلط ڪونہ لڳو. پـــر پٽ جي سامهون پنهنجي ڳالهه ظاهر ڪرڻ کان بہ هو پاڻ کي روڪي نہ پئي سگهيو. ان ڪري چيائين. "نيڪ آهي .... نظريو تنهنجو بہ غلط ڪونهي .... ويچار منهنجا بہ ساڳيائي آهن ... پر .... پر تو کي، نہ خبر آهي نہ پنهنجي پراڻي دوست چاولا سان، مان تنهنجي مٽي مائٽيءَ لاءِ واعدو ڪري چڪو آهيان .... بس، رڳو پڪ ٿيڻ باقي آهي .... اهڙي حالت ۾، تون ئي سوچ، تہ هنجي سامهون مونکي ڪيڏو نہ نيچو ....!"

پيءُ اڃا پنهنجو جملو پورو ڪري ئي ڪري، ان کان اڳ ئي پٽ ڳالهائڻ شروع ڪيو. "اهو تہ ٺيڪ آهي ... توهان جي واعدي

ڪالونيءَ جي ڪنهن ڇوڪريءَ جي عشق-ٻشق جي چڪر ۾ ڦاسي پيو آهي.

غصي کان وڌيڪ، ٻڍي کي تڏهن ان ڳالهه تي عجب لڳو هئو ته اهو سڀ ٿيو ڪيئن؟ ... سندس پٽ ۾ اهو ڦيرو ڪيئن اچي ويو؟ ... هن گهر ۾ ته ڪوئي به اهڙن سنسڪارن ۾ ڪونه پليو آهي ... پنهنجي سڄي عمر ۾ هن ته ڪڏهن ڪنهن سان عشق وغيره ڪونه ڪيو هئو ... پوءِ ... اهڙيءَ حالت ۾ هن ڇوري کي ڪٿان جي هوا لڳي وئي؟

ٻڍيءَ جي اها ڳالهه ٻڌڻ کانپوءِ، ڪجهه دير لاءِ ته ٻڍو نٻيءَ ۾ پئجي ويو. اڄ جي زماني کي ڏسي، ڇوڪري جو اهڙو قدم کڻڻ، هروڀرو ڪا اڻٿين ڳالهه ڪانه هئي .... پر ٻڍي کي اهو سڀ ان ڪري اٽ-وٽندڙ پئي لڳو، جو سندس پنهنجي اُن دوست سان ڪيل واعدو ڪوڙو ثابت ٿي رهيو هئو- جنهن دوست جي مدد سان، هن پنهنجي پٽ کي نوڪري وٺرائي ڏني هئي.

ٿيو ڇا هئو، جو ڇوڪري جي نوڪري لڳڻ بعد، ٻڍي جو اهو دوست، سندس پٽ لاءِ ڪنهن نياڻيءَ جي مڱڻي ماڱڻيءَ جي ڳالهه کڻي آيو هئو. ٻڍي، بنا ڪنهن آناڪانيءَ جي پنهنجي دوست جي اڳ کي عزت ڏني هئي ... ٻڍي ڪو هروڀرو ان ڪري انهن ڪونه ڪيو هئو- جو ڪيس پنهنجي اُن پراڻي سنگتيءَ جي احسان جو بدلو چڪائڻو هئو- بلڪ سندس دوست، جنهن گهر جي نياڻيءَ لاءِ اڳ کڻي آيو هئو- اها نياڻي خواهه سندس ڪٽنب، ٻڍي کي بيحد پسند هئا.

.... ۽ اُنهن ئي ڏينهن ٻڍي، گهر وارن کي مڱڻي ماڱڻيءَ جي سڄي ڳالهه ٻڌائي ڇڏي هئي، ته جيئن پٽس کي به لڳي، ته سندس گهر وارا سندس مڱڻي ماڱڻيءَ جي ڪم ۾ سرگرم ٿيڻ لڳا آهن.

00

پر هاڻي جڏهن ٻڍيءَ پنهنجي مڙس کي، پٽس جي عشق-ٻشق

اهڙو تيز ٿي ويندو آهي، جو پاڙي جون ڪيئي اکيون سندن گهر جي در-درين مان ليئا پائڻ لڳنديون آهن ... پر وري پيءُ جو بلڊ پريشر ايترو ته وڌي ويندو آهي، جو ڊاڪٽر کي گهرائڻ جي نوبت اچي ويندي آهي.

ان ڪري پٽ، اهڙي حالت کان پاسو ڪرڻ واجب ڄاتو.

oo

اُن کان پوءِ ڪجهه به خاص ڪونه ٿيو. پيءُ- پٽ- ٻئي- اجنبين جيان، هڪ ئي گهر ۾ رهيا پيا هئا. ڪڏهن ڪا خاص ڳالهه هوندي هئي ته هڪ ٻئي سان ڳالهائيندا هئا. نه ته ٻئي هڪ ٻئي کان پري پري رهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.

oo

... ۽ پوءِ ... اُن ڏينهن ته پيءُ بيحد ناراض ٿيو، جنهن ڏينهن جوٽس کيس ٻڌايو ته اندران ئي اندران خبر پيئي آهي ته- پنهنجو پٽ، اڄ، شام جو، ڪنهن مندر ۾، پري واري ڪالونيءَ جي اُن ڇوڪريءَ سان، شادي ڪرڻ وارو آهي، جنهن سان گذريل ڪجهه ڏينهن کان سندس عشق- پيچ پئي هليو.

حالانڪ پيءُ اُن ڏينهن بيحد ناراض ٿيو هئو، پر هن پنهنجي اُها ناراضگي يا غصو، پٽ ڪنهن جي سامهون ظاهر ٿيڻ نه ڏنو. هونئن، ٻي ڪا خاص ڳالهه ڪانه هئي- پر پيءُ کي ڏک ان ڳالهه جو پئي ٿيو- جو ڄڻ سندس پنهنجي ئي پٽ جي آڏو شڪست پئي ٿي.

نيٺ، ڪافي سوچ ويچار بعد، هڪ ڪٺور فيصلو ڪري، هن گهر وارن کي حڪم ڏنو- ته اڄ کانپوءِ پنهنجي پٽ جو هن گهر سان ڪوبه سمبنڌ نه رهندو- ۽ نه ئي گهر جو ڪوبه ڀاتي، کيس هن گهر ۾ قدم ئي رکڻ ڏيندو. ايتري قدر جو اڄ کان پوءِ، ڪير ساڻس ڳالهائيندو به ڪونه.

oo

ڪي عزت ڏيڻ لاءِ، مان خود ئي وڃي چاولا انڪل کان معافي وٺي ايندس...!"

